چندي جي باري ۾ اهم معلومات تي مشتمل ڪتاب

# چندي جي باري ۾ سوال جواب

ڪن اهم مسئلن جو بيان جنهن جو
علم رکڻ مسجدن، مدرسن، مذهبي ۽
سماجي ادارن جي لاءِ چندو ڪرڻ
وارن لاءِ **فرض** آهي






شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابوبلال
**محمد الياس عطار قادري رضوي** دامت برڪاتهم العاليه

# يادداشت

مطالعي جي دوران ضرورت مهل انڊر لائن ڪري، اشارا لکي ڪري صفحو نمبر نوٽ فرمايو، اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ عِلم ۾ ترقي ٿيندي.

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |

www.dawateislami.net
I.T. Majlis of Dawateislami

شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ ڪتاب

# چندي جي باري ۾ سوال جواب

**ترجمو پيشڪش**

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)**

**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران**

**پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**فون نمبر**: 021-34921389-90-91

*E-mail: translation@dawateislami.net*

ڪتاب جو نالو : **چندي جي باري ۾ سوال جواب**

مؤلّف : شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه
مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه

ڇپائي جي تاريخ : ربيع الاول 1435، جنوري 2014

ڇاپيندڙ : مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي

## مڪتبة المدينه جون مختلف برانچون

مڪتبة المدينه: شهيد مسجد کارادر باب المدينه ڪراچي 021-32203311

مڪتبة المدينه: داتا دربار لاهور 042-37311679

مڪتبة المدينه: فيضان مدينه آفندي ٽاؤن حيدرآباد 022-2620122

مڪتبة المدينه: فيضان مدينه العطار ٽاؤن ميرپورخاص 023-3514672

مڪتبة المدينه: فيضان مدينه مارڪيٽ روڊ دادو 025-4611541

مڪتبة المدينه: فيضان مدينه سکر 071-5619195

مڪتبة المدينه: چڪرا بازار نوابشاه 024-4362145

مڪتبة المدينه: رابعه شاپنگ سينٽر فاروق نگر لاڙڪانه 074-4054191

مڪتبة المدينه: عطار آباد (جيڪب آباد) 027-2710635

مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي-

# فهرست


| عنوان | صفحو |
| --- | --- |
| درود شريف جي فضيلت | 1 |
| چندي جي شرعي حيثيت | 1 |
| چنده پارٽي چئي طنز ڪرڻ ڪيئن؟ | 2 |
| بدترين وياج مسلمان جي آبروريزي آهي | 2 |
| مسلمان جي آبرو ان جي مال کان وڌيڪ اهم آهي | 3 |
| مؤمن جي حرمت ڪعبي کان وڌيڪ آهي | 3 |
| يهود و نصاريٰ جون بريون عادتون | 3 |
| ڇا سرڪار مدينہ پڻ ڪڏهن چندو ڪيو؟ | 4 |
| 950 اُٺ ۽ 50 گهوڙا | 5 |
| چندي ڪرڻ کان منع ڪرڻ ڪيئن؟ | 6 |
| ڇا هر چندي کي وقف جو پيسو چئي سگهون ٿا؟ | 7 |
| ڇا هر چندي کي وقف جو پيسو چئي سگهون ٿا؟ | 8 |
| مسجد جي چندي مان نياز ڪرڻ ڪيئن؟ | 8 |
| مسجد جي چندي مان چراغان ڪرڻ ڪيئن؟ | 9 |
| اجتماع جو چندو بچي ويو تہ ڇا ڪريون؟ | 9 |
| ڪيئي ماڻهن کان ورتل چندو بچي وڃي تہ ان جو ڇا ڪري؟ | 11 |
| 12 ماڻهن کان ورتل چندو بچي ويو تہ ؟ | 11 |
| مسجد جي افطاري جو مسئلو | 21 |
| مسجد جي بچي ويل افطاري جو ڇا ڪجي؟ | 31 |
| مسجد جي چندي جا مصارف | 41 |
| چندي جي رقم ذاتي ڪم ۾ خرچ ڪئي تہ پوءِ؟ | 16 |
| مسجد جو چندو اڌارو ڏنو تہ؟ | 18 |
| امانت طور چندي کي اوڌر طور ڪٽڻ ڪيئن؟ | 19 |
| تاوان ادا ڪرڻ جو طريقو | 19 |
| چندي جي رقم گم ٿي وڃي تہ؟ | 12 |
| مدرسي جي چندي جي غلط استعمال ۾ تاوان جون صورتون | 22 |

| عنوان | صفحو |
| --- | --- |
| زڪوٰة غير مصرف ۾ خرچ ڪئي ان جو حل؟ | 23 |
| تاوان جي رقم نہ هجي تہ...؟ | 24 |
| جيڪڏهن ڪنهن سيد تي تاوان ٿئي تہ؟ | 25 |
| زڪوٰة فطرو ، غير مصرف ۾ خرچ ڪيو تہ هاڻي ڇا ڪري؟ | 25 |
| هر ماڻهو مسئلا نٿو ڄاڻي، ان جو حل؟ | 26 |
| چندو ڪرڻ وارن جي تربيت جو طريقو | 27 |
| چندو ذاتي اڪائونٽ ۾ جمع ڪرائڻ ڪيئن؟ | 28 |
| مالِ غصب ڇا آهي ؟ | 29 |
| وياج جي رقم مان استنجا خانا ٺاهڻ ڪيئن؟ | 29 |
| وياج جي پيسن سان حج | 31 |
| ڦرلٽ جي مال مان حج ڪرڻ واري جي دل ڏڪائيندڙ حڪايت | 31 |
| حرام مال سان حج ڪرڻ واري جي شامت | 32 |
| وياج نہ وٺون تہ بينڪ وارا غلط استعمال ڪري سگهن ٿا! | 33 |
| ﴿1﴾ رت جي نهر | 33 |
| ﴿2﴾ ڄڻ ماءُ سان زنا | 34 |
| ﴿3﴾ پيٽ ۾ نانگ | 34 |
| مدرسي ۾ اچڻ وارن مهمانن جي خاطر تواضع | 35 |
| مدرسي جو کاڌو غير مستحق کاڌو تہ؟ | 35 |
| مسئلو معلوم نہ هجي ۽ کائي ورتو تہ ؟ | 36 |
| غير حقدار کي کاڌو نہ ڏيڻ واجب آهي | 36 |
| مدرسي ۾ ٻاهر کان گهڻو کاڌو اچي تہ ڇا ڪجي؟ | 37 |
| مدرسي جو کاڌو بچي وڃي تہ ؟ | 38 |
| قافلي وارن جو مدرسي جي بورچي خاني مان کاڌو پچائڻ | 38 |
| قافلي وارن جو فناءِ مسجد ۾ کاڌو پچائڻ | 39 |
| ڇا مدني قافلي وارا جامعة المدينہ جو کاڌو کائي سگهن ٿا؟ | 40 |
| مدرسي جا ڪمبل ڪو پيو استعمال ڪري سگهي ٿو يا نہ؟ | 40 |

مسجد جي ڪولر جو ٿڌو پاڻي گهر کڻي وڃڻ ڪيئن؟ 04
مسجد جو سادو پاڻي پري کڻي وڃڻ ڪيئن 14
مدرسو جيڪڏهن وڏي عمارت ۾ هجي تہ پاڻي جو حڪم 14
مسجد جون شيون مدرسي ۾ استعمال ڪرڻ ڪيئن؟ 42
مسجد ۽ مدرسي جون شيون جدا جدا رکڻ جا مدني گل 43
مدرسي جي ڪتاب تي نالو رکڻ ڪيئن؟ 43
مدرسي جي ڊيسڪ ٽوڙي تہ؟ 44
مدرسي جي ڊيسڪ وغيره تي ڪجهہ لکڻ 44
ازالي جو طريقو 44
چندي جي ڪلي اختيارات جو مسئلو 45
ڪلي اختيارات جا محتاط الفاظ 45
حِيلي جا شرعي دليل 47
ڪن ٽوپڻ جو رواج ڪڏهن کان پيو؟ 48
ٻڪرين جي گوشت جو تحفو 49
زڪوٰة جو شرعي حِيلو 49
فقير ڪنهن کي چوندا آهن 50
مسڪين ڪنهن کي چوندا آهن 51
حيلي ڪرڻ جو آسان طريقو 51
فقير جي وڪيل مان ڇا مراد آهي 15
ڇا وڪيل زڪوٰة تي قبضو ڪرڻ کانپوءِ خرچ ڪري سگهي ٿو؟ 25
وڪيل جو قبضو مؤڪل جو قبضو چئبو 52
حيلو ڪرڻ وقت چوڻ "رکي نہ ڇڏجو" تہ؟ 52
ڇا چيڪ جي ذريعي حيلو ٿي سگهي ٿو 53
تمام وڏي رقم جو حيلو ڪيئن ٿيندو؟ 53
حيلي جي رقم ديني ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ؟ 54
ڇا حيلي جي رقم سان تحفو يا نذرانو ڏئي سگهجي ٿو؟ 54
سيد سڳوري کي زڪوٰة جي حيلي جي رقم ڏيڻ ڪيئن؟ 56
سيد سان ڀلائي ڪرڻ جو عظيم صلو 57
سيد سان ڀلائي ڪرڻ واري کي قيامت ۾ آقا جي زيارت ٿيندي. 57
گهٽ مالدار لاءِ سيد جي خدمت جو طريقو 58
حيلي کانپوءِ رقم واپس ڪرڻ جا محتاط لفظ 58
زڪوٰة جي وڪيل جي لاءِ محتاط لفظَ 59
ڪافرن جي مدد ڪرڻ ڪيئن؟ 59
سماجي اداري جي اسپتال ۾ زڪوٰة استعمال ڪرڻ ڪيئن؟ 60
فلاحي ادارن جي لاءِ زڪوٰة جي استعمال جو طريقو 60
غيرمسلم کي مالِ وقف مان ڏيڻ جائز ناهي 61
چندو ڪاروبار ۾ لڳائڻ ڪيئن؟ 62
چندي جي رقم سان اجتماعي قرباني جي لاءِ ٻڪرون خريد ڪرڻ 63
قرباني جون کلون اسڪول تعليم لاءِ ڏيڻ 63
غريبن کي کلون وٺڻ ڏيو 64
کلن جي لاءِ اجايو ضد نہ ڪيو 64
سني مدرسن جون کلون نہ کڻو 65
سُني مدرسي کي کل پاڻ ڏئي اچو 66
پنهنجي قرباني جي کل وڪڻي ڇڏي تہ؟ 67
مدني قافلي جي اخراجات جي باري ۾ سوال جواب 67
قافلي ۾سڀ هڪ جيتري رقم جمع ڪرائن 68
رقم هڪ جيتري هجي پر خوراڪ تہ سڀني جي هڪ جيتري ناهي هوندي.....؟ 69
مدني قافلو ۽ مهمانن جي خيرخواهي 69
قافلي جي بچيل رقم جو ڇا ڪجي؟ 70
ٻئي جي خرچ تي سفر ڪيو، رقم بچي پئي، ڇا ڪري؟ 70
اڌ زندگي، اڌ عقل ۽ اڌ علم! 71
غريبن جي لاءِ رقم ملي، مالدارن تي خرچ ڪري ڇڏيائين تہ هاڻي ڇا ڪري؟ 72
مدني قافلي جي لاءِ مليل رقم ٻين ديني ڪمن ۾ .........؟ 73
وقف جي مال جي غلط استعمال جو عذاب 75
اجتماع جي ٽرين لاءِ 6 مدني گل 77
ڇا دنيوي قانون تي عمل ڪرڻ ضروري آهي 79
پيشگي ڏنل رقم جو مسئلو 79
اوٺ موٽ ڪرائي جي گاڏي جا احتياط 80
ٽئي ٽيل کان وڏيڪ سواري ويهارڻ 81
ٽرين ۾ بہ ٽئي ٽيل سواريون ويهاريو 82
ڇا سماجي اداري پنهنجا عطيات ديني ڪمن ۾ لڳائي سگهن ٿا 82

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ”چندو ڪرڻ سنت آهي“ جي تيرهن اکرن جي نسبت سان هن ڪتاب کي پڙهڻ جون 13 نيّتون

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ. يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الکبير للطبراني، الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

## ٻه مدني گُل:

1 بغير سٺي نيت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

2 جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

﴿1﴾ هر ڀيري حمد و ﴿2﴾ صلوٰة ۽ ﴿3﴾ تعوّذ و ﴿4﴾ تَسمِيّہ سان شروعات ڪندس. (هن ئي صفحي تي مٿي ڏنل ٻن عربي عبارتن کي پڙهڻ سان چئني نيّتن تي عمل ٿي ويندو) ﴿5﴾ وس آهر هن جو باوضو ۽ قبلي ڏانهن منهن ڪري مطالعو ڪندس ﴿6﴾ قرآني آيتن ۽ حديثن جي زيارت ڪندس ﴿7﴾ جتي جتي ”الله“ جو پاڪ نالو ايندو اتي عَزَّوَجَلَّ ۽ ﴿8﴾ جتي جتي ”سرڪار مدينہ“ جو اسم مبارڪ ايندو اتي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهندس ﴿9﴾ هن جي مطالعي ذريعي فرض علم سکندس ﴿10﴾ جيڪڏهن ڪو مسئلو سمجھ ۾ نہ آيو عالمن کان پڇا ڪندس ﴿11﴾ هن حديث پاڪ: تَهَادَوْا تَحَابُّوْا يعني هڪ ٻئي کي تحفو ڏيو پاڻ ۾ محبت وڌندي. (مُوطا اِمَام مَالِک، ج 2 ص 407 رقم 1731) تي عمل جي نيّت سان (هڪ يا توفيق آهر) هي ڪتاب خريد ڪري ٻين کي تحفي طور ڏيندس ﴿12﴾ هن ڪتاب جي مطالعي جو ثواب سموري امت کي پيش ڪندس ﴿13﴾ ڪتابت وغيره ۾ شرعي غلطي ملي تہ ناشرين (شايع ڪندڙن) کي تحريري طور تي آگاهہ ڪندس. (ڇاپيندڙ ۽ مُصَنّف وغيره کي ڪتابن جون غلطيون صرف زباني ٻُڌائڻ خاص فائديمند ناهي هوندو)

# حلال ۽ حرام بابت مسئلا سکڻ فرض آهن

رحمت عالم، نور مُجَسَّم، شهنشاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُعَظَّم آهي: ”جيڪو **الله**عَزَّوَجَلَّ جي فرضن جي باري ۾ هڪ يا ٻہ يا ٽي يا چار يا پنج ڪلما سکي ۽ اُن کي چڱي طرح ياد ڪري ۽ پوءِ ماڻهن کي سيکاري تہ اُهو جنت ۾ داخل ٿيندو.“

(حلية الاولياء، ج 2 ص 181)

**منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاه امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: هر شخص تي اُن جي موجوده حالت جا مسئلا سکڻ فرضِ عين آهن، انهن مان حلال ۽ حرام جا مسئلا پڻ آهن ۽ هر انسان انهن جو محتاج آهي. (تفصيلي معلومات جي لاءِ فتاويٰ رضويہ جلد 23 صفحو 623 کان 630 جو مطالعو ڪريو)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مذهبي ۽ فلاحي ڪم اڪثر چندي سان ٿي ٿيندا آهن، جيئن تيئن چندو تہ ڪيو ويندو آهي پر ديني علم جي گهٽتائي جي ڪري هڪ وڏو تعداد آهي جيڪو ان جي استعمال ۾ شرعي غلطيون ڪري گناهن ۾ پوندو آهي، چندو ڪرڻ واري جي لاءِ چندي جا ضروري مسئلا سکڻ فرض آهن. ان ڪري نيڪيون ڪمائڻ ۽ مسلمانن کي گناهن کان بچائڻ جي مقدس جذبي جي تحت ثواب جي نيت سان چندي جي باري ۾ سوال جواب جي صورت ۾ معلومات فراهم ڪرڻ جي حقير ڪوشش ڪئي آهي. **الله**عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي جي ”**مجلس اِفتاء**“ ۽ ”**مجلس اَلمدينةُ العِلميہ**“ جي عالمن سڳورن كَثَّرَهُمُ اللهُ تَعَالٰى کي اجر عظيم عطا فرمائي، انهن هن ڪتاب جي وڏي جاکوڙ سان تفتيش ڪئي ۽ ڪن جڳهن تي اهم روايتن ۽ (شرعي) مسئلن جو اضافو ڪري، ان جي افاديت وڌائي

ڇڏي آهي! بنا ڪنهن ڊپ جي ان حقيقت جو اعتراف ڪيان ٿو ته اهو ڪتاب انهن جي خصوصي رهنمائي ۽ فيضان نظر جو نتيجو آهي نه ته سچي ڳالهه اها آهي ته جنهن جو نالو الياس قادري آهي ان کي صحيح طريقي سان قلم پڪڙڻ به ناهي ايندو. ياربّ ڪريم! پنهنجي گنهگار ٻانهي الياس قادري کان هميشه جي لاءِ راضي ٿي ۽ بنا حساب جي بخشي ڇڏ، پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري اُمت جي مغفرت فرما. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

هر اسلامي ڀاءُ ۽ اسلامي ڀيڻ کي ان ڪتاب جو مطالعو لازمي ڪرڻ گهرجي، ضرورتًا هر هر پڙهي ته جيئن مسئلا ياد ٿي وڃن. جيڪر ٿي سگهي پنهنجي علائقي جي مسجدن، مدرسن، مذهبي، سماجي ادارن جي ذميدارن ۽ سني عالمن جي بارگاهه ۾ ثواب جي نيت سان اهو ڪتاب تحفي ۾ پيش ڪيو.

## دعاءِ عطار

يا ربّ مصطفيٰ! هن ڪتاب جو مطالعو ڪرڻ وارن ۽ وارين جو حافظو قوي ڪر ته جيئن انهن کي صحيح مسئلا ياد رهن ۽ عمل ڪرڻ ۽ ٻين کي سيکارڻ جي سعادت نصيب ٿئي. يا **الله** عَزَّوَجَلَّ جيڪو ان ڪتاب کي پنهنجي عزيزن جي ايصال ثواب جي لاءِ ۽ ٻين سنين نيتن سان ورهائي، خاص ڪري مسجدن، مدرسن، مذهبي، سماجي ادارن جي ذميدارن ۽ سني عالمن جي بارگاهه ۾ پيش ڪري، ان جو ۽ ان جي صدقي مون گنهگارن جي سردار جو به ٻنهي جهانن ۾ ٻيڙو پار ڪري ڇڏ. يا**الله** عَزَّوَجَلَّ اسان سيني کي اخلاص جي لازوال دولت سان مالا مال فرما. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو کر اخلاص ایسا عطا یاالٰہی

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# چندي جي باري ۾ سوال جواب

شيطان ڪيتري بہ سستي ڏياري پر ثواب جي نيت سان هي ڪتاب مڪمل پڙهو، ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ اوهان جي علم ۾ خوب اضافو ٿيندو.

## درود شريف جي فضيلت

نبيّن جي سلطان، رَحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان شفاعت نشان آهي: ”جمعہ جي رات ۽ جمعي جي ڏينهن (يعني خميس جي سج لهڻ کان جمعي جي سج لهڻ تائين) مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪندا ڪريو، جيڪو ائين ڪندو قيامت جي ڏينهن مان ان جو شفيع ۽ گواهہ ٿيندس.“ (شعب الايمان، ج 3 ص 111 حديث 3033)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## چندي جي شرعي حيثيت

**سوال:** مسجدن ۽ مدرسن وغيره ديني ڪمن جي لاءِ چندو ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** جائز آهي، بلڪ ثواب جو ڪم آهي ۽ اهو حديثن مان ثابت آهي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحمَةُ الرَّحمٰن هڪ سوال جي جواب ۾ فتاويٰ رضويہ جلد 16 صفحي 418 تي لکن ٿا: مسجد ۾ پنهنجي لاءِ گهرڻ جائز نہ آهي ۽ ان کي ڏيڻ کان عالمن منع ڪيو آهي. (اڳتي وڌيڪ لکن ٿا) ۽ ڪنهن ٻئي جي لاءِ گهريو يا مسجد يا ڪنهن بي ديني ضرورت جي لاءِ چندو ڪرڻ جائز ۽ سنت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

مان ثابت آهي. (فتاويٰ رضويه ج 16 ص 418) وڌيڪ صفحي 468 تي لکن ٿا: ڀلائي جي ڪمن جي لاءِ چندو ڪرڻ صحيح حديثن مان ثابت آهي. مالدار لاءِ واجب نه آهي ته سڄي مسجد پنهنجي پئسن سان تعمير ڪرائي، ڀلائي جي ڪم ۾ چندي جي ترغيب ڏيارڻ ڀلائي ڏانهن رهنمائي آهي. (حديث شريف ۾ آهي): جيڪو ڀلائي جي ڪم جي رهنمائي ڪري، ان کي ان جو به ايترو ئي اجر ملندو آهي، جيترو ڀلائي جي ڪم ڪرڻ واري کي. (صحيح مسلم ص 1050 حديث 1893)

## چنده پارٽي چئي طنز ڪرڻ ڪيئن؟

**سوال:** ديني ڪمن جي لاءِ چندو ڪرڻ وارن کي ڪي ماڻهو حقارت سان ”چنده پارٽي“ چوندا آهن ۽ انهن تي طنز ڪندا آهن، انهن جي اصلاح جي لاءِ ڪجهه مدني گل بيان ڪريو.

**جواب:** مسلمان جي تحقير يا ان تي طنز ڪرڻ ۽ دل ڏکائڻ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. رسول اڪرم، رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عبرت نشان آهي: مَنْ اٰذٰى مُسْلِمًا فَقَدْ اٰذَانِيْ وَمَنْ اٰذَانِيْ فَقَدْ اٰذَى اللّٰه يعني جنهن (بنا شرعي سبب جي) ڪنهن مسلمان کي ايذاءُ ڏنو ان مون کي ايذاءُ ڏنو ۽ جنهن مون کي ايذاءُ ڏنو ان **الله** عَزَّوَجَلَّ کي ايذاءُ ڏنو. (المعجم الاوسط للطبراني ج 2 ص 386 حديث 3607)

## بدترين وياج مسلمان جي آبروريزي آهي

سرڪار مدينه، راحت قلب و سينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان آهي: بدترين وياج مسلمان جي عزت ۾ ناحق دست درازي (يعني زيادتي ڪرڻ) آهي. (سنن ابي داؤد ج 4 ص 353 حديث 4876)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

## مسلمان جي آبرو ان جي مال کان وڌيڪ اهم آهي

محقق علي الاطلاق، خاتم المحدثين حضرت علّامه شيخ عبدالحق مُحَدِّث دهلوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي هن حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: ان (يعني مسلمان جي عزت ۾ ناحق دست درازي) مان مراد ان جي غيبت ڪرڻ، گار ڏيڻ ان کي حقير سمجهندي تڪبّر ڪرڻ آهي. بشرطيڪ جو ڪا شرعي حڪمت ۽ مصلحت نه هجي. (وڌيڪ لکن ٿا) مسلمان جي عزت ۾ ناحق هٿ وجهڻ کي بدترين وياج ان ڪري چيو ويو آهي جو مسلمان جي عزت ۽ آبرو ان جي هر قسم جي مال کان وڌيڪ (قيمتي) هوندي آهي ته يقيناً ان جي ناحق بي عزتي ڪرڻ ۾ بئي مال کان وڌيڪ ئي فساد هوندو. "ناحق" جو شرط ان ڪري لڳايو ويو آهي جو ڪن صورتن ۾ (مسلمان جي عزت ۾ هٿ وجهڻ) مباح هوندو آهي جيئن اهو ڪنهن جو حق نٿو ڏئي يا ظالم آهي يا ضرورتاً ڪڏهن گواهه تي جرح ڪئي ويندي آهي اهڙي طرح حديث جي روايتن تي محدّث سڳورا دين جي حفاظت خاطر جرح (يعني راوين جا عيب ظاهر) ڪندا آهن ۽ اهڙي صورتن ۾ غيبت مباح (جائز) آهي.

(اشعة اللمعات ج 4 ص 157)

## مؤمن جي حرمت ڪعبي کان وڌيڪ آهي

سنن ابن ماجه ۾ آهي: خاتم المرسلين، رحمة للعٰلمين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪعبي شريف کي مخاطب ڪندي ارشاد فرمايو: مؤمن جي حرمت تو کان وڌيڪ آهي. (سنن ابن ماجه ج 4 ص 319 حديث 3932)

## يهود و نصاريٰ جون بريون عادتون

بهرحال مسلمان جو اهو شيوو ئي ناهي جو هرويرو ڪنهن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

جي تذليل (يعني بيعزتي) ڪري. منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فتاويٰ رضويہ جلد 24 صفحي 108 تي نقل ڪن ٿا: يهودين ۽ عيسائين جي اخلاق مان اهو آهي جو ٻين تي الزام لڳايا وڃن ۽ انهن جي عزت ۾ هٿ وڌو وڃي، لايعني ۽ بي مقصد ڳالهين ۾ مشغول رهجي. حضرت سيدنا ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ماڻهو جي اسلام جي خوبين مان هڪ اهو آهي تہ اهي ڪم ڇڏي ڏئي جيڪي ان کي نفعو نہ ڏين. (سنن ترمذي ج 4 ص 142 حديث 2324)

# ڇا سرڪار مدينہ پڻ ڪڏهن چندو ڪيو؟

**سوال:** ڇا سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان چندو ڪرڻ ثابت آهي؟

**جواب:** جي ها، جهاد جي چندي جي ترغيب ڏيارڻ بابت اها روايت ڏاڍي مشهور آهي. حضرت سيّدنا عبدالرحمٰن بن خَبَّاب رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي: مان بارگاهِ نبوي عَلٰي صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۾ حاضر هئس ۽ حضور اڪرم، نورِ مُجَسَّم، سراپا جود و ڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي ”جيش عُسرت“ (يعني غزوه تبوڪ) جي تياري لاءِ ترغيب ارشاد فرمائي رهيا هئا. حضرت سيّدنا عثمان بن عفان رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ اٿي بيهي عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پَلاڻ ۽ ٻئي سامان سميت سؤ اُٺ منهنجي ذمي آهن. حضور سراپا نور، فيضِ گنجور، شاهِ غَيور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي وري ترغيب ڏياري تہ حضرت سيّدنا عثمان غني رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ ٻيهر اُٿيا ۽ عرض ڪيائون: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سموري سامان

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعليٰ)

سميت ٻه سؤ اُٺ حاضر ڪرڻ منهنجي ذميداري آهي، ٻنهي جهانن جي سلطان، سروَرِ ذيشان، محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي وري ترغيب ڏياري تہ حضرت سيّدنا عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان سموري سامان سميت ٽي سؤ اُٺ پنهنجي ذمي ڪيان ٿو. راوي فرمائن ٿا: مون ڏٺو تہ حضورِ انور، مديني جا تاجوَر، شافِعِ مَحشر، محبوب داوَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي ٻُڌي مِنبرِ مُنَوَّر کان هيٺ تشريف فرما ٿي ٻہ ڀيرا فرمايو: ”اڄ کان عثمان (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ) جيڪو ڪجھ ڪري، ان تي مُواخَذو (يعني پڇاڻو) ناهي.“ (سنن ترمذي ج 5 ص 391 حديث 3720)

## 950 اُٺ ۽ 50 گھوڙا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄڪلهہ ڏٺو ويو آهي ڪجھ ماڻهو هڪ ٻئي کي ڏسي جذبات ۾ اچي چندو لکرائيندا تہ آهن پر جڏهن ڏيڻ جو وارو ايندو آهي تہ انهن کي ڏيڻ ڏکيو لڳندو آهي ۽ ايستائين جو ڪي تہ ڏيندا ٻہ ناهن! پر قربان وڃجي محبوبِ مصطفيٰ، سيّدُ الاَسخِياء، عثمان باحيا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي جُود ۽ سَخا تان، جو پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ پنهنجي اعلان کان وڌيڪ چندو پيش ڪيو. مُفسّر شهير، حڪيمُ الأُمت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان هن حديث پاڪ تحت فرمائن ٿا: خيال رهي اهو تہ سندن جو اعلان هو پر حاضر ڪرڻ مهل پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ 950 اُٺ، 50 گھوڙا ۽ 1000 اشرفيون پيش ڪيون ۽ بعد ۾ 10 هزار اشرفيون وڌيڪ پيش ڪيون (مفتي صاحب وڌيڪ فرمائن ٿا) خيال رهي تہ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ پهرين پيري هڪ سؤ جو

اعلان ڪيائون، ٻئين پيري 100 اُٺن کان علاوه 200 جو ۽ ٽئين پيري وڌيڪ 300 جو، ڪُل 600 اُٺَ (پيش ڪرڻ) جو اعلان ڪيائون.

(مراۃ المناجیح ج 8 ص 395)

مجھے گر مل گیا بحرِ سخا کا ایک بھی قطرہ
مرے آگے زمانے بھر کی ہوگی ہیچ سلطانی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## چندي ڪرڻ کان منع ڪرڻ ڪيئن؟

**سوال:** ديني ڪمن جي لاءِ چندو ڪرڻ واري کي روڪڻ ڪيئن؟

**جواب:** بنا ڪنهن شرعي سبب جي هن نيڪ ڪم کان روڪڻ شرعاً منع آهي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، **امام اهلسنّت مولانا شاه امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن **فتاويٰ رضويه جلد 23 صفحي 127** تي هڪ سوال جي جواب ۾ ارشاد فرمائن ٿا: نيڪ ڪمن جي لاءِ مسلمانن کان اهڙي طرح چندو ڪرڻ بِدعت ناهي بلڪ سنت مان ثابت آهي، جيڪي ماڻهو ان کان روڪين ٿا (اهي) مَنَّاعٍ لِّلْخَيْرِ مُعْتَدٍ اَثِيْمٍ (**ترجمو ڪنزالايمان:** خير کان گهڻو روڪڻ وارو حد کان لنگهندڙ گنهگار) (پ 29 القلم 12) ۾ **داخل آهن.** حضرت سيّدنا جَرير رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ **کان روايت آهي:** ڪي (ماڻهو) پيرين اگهاڙي، ننگي بدن سان صرف هڪ چادر، ڪفن وانگر ڦاڙي ڳچي ۾ پائي، **حُضُورِ پُرنور، سيّدِ عالم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت اقدسِ ۾ حاضر ٿيا. حضور پُر نور، **رحمتِ عالم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن جي محتاجي (يعني غُربت) ڏٺي ته چهري مبارڪ جو رنگ بدلجي ويو، **بلال** (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ) کي اذان جو حڪم ڏنائون،

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

نماز کانپوءِ خطبو ارشاد فرمايائون، آيتن جي تلاوت کان پوءِ ارشاد فرمايائون: ڪو شخص پنهنجي اشرفي سان صدقو ڪري، ڪو رُوپئي سان، ڪو ڪپڙي سان، ڪو پنهنجي ٿوري اَناج سان، ڪو پنهنجي ٿورن ڇوهارن سان، ايستائين فرمايائون: "پلي ڪٽي اڌ ڇوهارو هجي." ان ارشاد گرامي (يعني چندو ڏيڻ جي ترغيب) کي ٻُڌي هڪ انصاري رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ پيسن جو ٿيلهو کڻي آيو جنهن کي کڻڻ جي ڪري سندن هٿ ٿڪجي پيا، پوءِ ماڻهو لاڳيتو صدقا آڻڻ لڳا ايستائين جو ٻه اَنبار (ڍير) کاڌي ۽ ڪپڙي جا ٿي ويا، ايستائين جو مون ڏٺو ته رسول **اللّٰه** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو چهرو مبارڪ خوشي جي ڪري ڪُندن (يعني خالص سون) وانگر چمڪڻ لڳو ۽ ارشاد فرمايائون: "جيڪو شخص اسلام ۾ ڪا سني راهه ڪڍي، ان لاءِ ان جو ثواب آهي ۽ ان کان پوءِ جيترا ماڻهو ان راهه تي عمل ڪندا سيني جو ثواب ان (سني راهه ڪڍڻ واري) لاءِ آهي بغير ان جي جو، ان (عمل ڪرڻ وارن) جي ثوابن ۾ ڪا گهٽتائي ٿئي." (صحيح مسلم ص 508 حديث 1017)

## ڇا هر چندي کي وقف جو پيسو چئي سگهون ٿا؟

**سوال:** ڇا هر طرح جي چندي جي رقم کي "وقف جو پيسو" چئي سگهجي ٿو؟

**جواب:** ڪن صورتن ۾ چندو وقف جي حڪم ۾ ايندو آهي ۽ ڪن صورتن ۾ نه. صدرُالشَّريعه، بدرُالطَّريقه حضرت علامه مولانا مفتي امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ القوي جي بارگاهه ۾ سوال ٿيو: مسجدن، مدرسن جي تعميرات ۽ اخراجات جي لاءِ يا ڪنهن ٻئي مذهبي ۽

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

ديني ضرورت جي لاءِ جيڪو چندو ڪيو ويندو آهي اهو صرف صدقو آهي يا وقف به ٿيئي سگهجي ٿو؟ الجواب: عام طور اهي چندا نفلي صدقا هوندا آهن انهن کي وقف نٿو ٿيئي سگهجي ڇوته وقف جي لاءِ اهو ضروري آهي ته اصل کي برقرار رکي ان جا نفعا جنهن جي لاءِ وقف هجي ان ڪم ۾ ڪتب آندا وڃن، نه هي جو اهو پاڻ اصل ئي خرچ ڪيو وڃي. اهي چندا جنهن خاص مقصد جي لاءِ ڪيا ويا ان کان سواءِ بي هنڌ خرچ نٿا ڪري سگهجن، جيڪڏهن اهو مقصد پورو ٿي چڪو آهي ته جنهن ڏنو آهي ان کي واپس موٽايو وڃي يا ان جي اجازت سان ٻئي ڪم ۾ خرچ ڪيو وڃي، بنا اجازت خرچ ڪرڻ ناجائز آهي. (فتاويٰ امجديه ج 3 ص 38)

## ڪافرن کان چندو وٺڻ ڪيئن؟

**سوال:** ديني ڪمن جي لاءِ ڪافرن کان چندو وٺڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** منع آهي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: ڪنهن ديني ڪم جي لاءِ ڪافرن کان چندو وٺڻ اوّل ته خود ئي منع ۽ سخت ناپسند آهي. رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمائن ٿا: اسان ڪنهن مشرڪ کان مدد نه وٺندا آهيون. (سنن ابي داود ج 3 ص 100 حديث 2732، فتاويٰ رضويه ج 14 ص 566)

## مسجد جي چنديءَ مان نياز ڪرڻ ڪيئن؟

**سوال:** مسجد جي ناليءَ تي ڪيل چنديءَ مان يارهين شريف جي لاءِ نياز تي خرچ ڪري سگهون ٿا يا نه؟

**جواب:** جيڪڏهن ڪنهن مسجد جو اڳوٽي وقت کان وٺي اهو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

معمول رهيو آهي ته يارهين شريف ان مسجد جي چندي سان ڪري سگهو ٿا، نه ته نٿا ڪري سگهو. چندي جو اصول اهو آهي ته جنهن لاءِ ورتو ويو آهي ان ڪان علاوه ڪنهن بي ڪم ۾ استعمال ڪرڻ گناهه آهي.

## مسجد جي چندي مان چراغان ڪرڻ ڪيئن؟

**سوال:** مسجد جي چندي جي رقم مان جشن ولادت جي ڏينهن ۾ چراغان ڪرڻ ڪيئن؟

**جواب:** جيڪڏهن چندو ڏيڻ وارن جي صراحةً يا دلالةً اجازت هجي ته ڪري سگهو ٿا نه ته نه. صراحةً مان مراد اها آهي ته مسجد لاءِ چندو وٺڻ وقت چئي ڇڏيو ته اسان اوهان جي چندي مان جشن ولادت، يارهين شريف، شب برات وغيره، وڏين راتين جي موقعي تي ۽ رمضان المبارڪ ۾ مسجد ۾ روشني به ڪنداسين ۽ ان اجازت ڏئي ڇڏي. دلالةً اهو آهي ته چندي ڏيڻ واري کي خبر آهي ته ان مسجد تي جشن ولادت ۽ ٻين وڏين راتين جي موقعي تي ۽ رمضان المبارڪ ۾ چراغان ٿيندو آهي ۽ ان ۾ مسجد ئي جو چندو استعمال ڪيو ويندوآهي. عافيت ان ۾ آهي ته چراغان وغيره جي لاءِ الڳ چندو ڪيو وڃي، جيترو چندو ٿئي ان مان چراغان ڪيو وڃي ۽ چراغان ۾ جيڪا بجلي استعمال ٿئي ان جا پيسا به ان مان ادا ڪيا وڃن.

## اجتماع جو چندو بچي ويو ته ڇا ڪريون؟

**سوال:** دعوت اسلامي جي سنتن ڀري اجتماع جي لاءِ جيڪو چندو ڪيو ويو هو، اهو بچي پيو ته ڇا ڪريون؟ ڇا مسجد يا مدرسي ۾ يا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (ڪنزالعمال)

پنهنجي تنظيمي حلقي جي لاءِ چٽائي وغيره خريدڻ لاءِ خرچ ڪري سگهجي ٿو؟

**جواب:** اجتماع، جلسو، نعت خواني، جشن ولادت جي سجاوٽ، بزرگن جي عرس ۽ يارهين شريف جي نياز وغيره جي لاءِ ورتل چندو بچي وڃڻ جي صورت ۾ چندو ڏيڻ وارا جيڪڏهن معلوم هجن ته بچيل رقم انهن کي موٽائڻ ضروري آهي، انهن جي اجازت کان بغير ڪنهن ٻئي مصرف ۾ استعمال ڪرڻ جائز نه آهي ۽ جيڪڏهن معلوم نه هجن ته جنهن ڪم جي لاءِ چندو ڏيڻ وارن ڏنو ان ۾ ئي خرچ ڪيو (مثال طور سنتن ڀري اجتماع جي لاءِ ڏنو ته ڪنهن ٻئي سنتن ڀري اجتماع تي خرچ ڪيو) جيڪڏهن ان طرح جو ٻيو ڪم نه هجي ته فُقراء تي صدقو ڪيو. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، **امام اهلسنّت** مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاويٰ رضويہ جلد 16 صفحي 206 تي فرمائن ٿا: چندي وارا پيسا ڪم ختم ٿيڻ کان پوءِ باقي بچن ته لازم آهي چندو ڏيڻ وارن کي حصي جيترو واپس موٽايو وڃي يا اهي جنهن ڪم جي لاءِ هاڻي اجازت ڏين ان ۾ خرچ ڪجن، انهن جي اجازت بغير خرچ ڪرڻ حرام آهي، ها جيڪڏهن ان جو پتو نه پوي ته جنهن طرح جي ڪم لاءِ چندو ورتو هو ان طرح جي ٻئي ڪم ۾ خرچ ڪرڻ گهرجي مثال طور مسجد جي تعمير لاءِ چندو ڪيو مسجد مڪمل ٿي ته باقي ڪنهن ٻي مسجد جي تعمير ۾ لڳايو، غير ڪم مثال طور مدرسي جي تعمير ۾ نه لڳايو ۽ جيڪڏهن ان طرح جو ٻيو ڪم نه آهي ته اهي بچيل پئسا (شرعي)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

فقيرن ۾ ورهايا وڃن. (فتاويٰ رضويہ ج 16 ص 206)

## ڪيئي ماڻهن کان ورتل چندو بچي وڃي تہ ان جو ڇا ڪري؟

**سوال:** مخصوص مد مثال طور مدرسي جي تعمير جي لاءِ ڪيئي ماڻهن کان چندو ورتو ويو ۽ ان مان ڪجهہ رقم بچي وڃي تہ ڇا بچيل رقم کي ڪنهن ٻئي مصرف ۾ استعمال ڪرڻ جي باري ۾ هر هڪ کان اجازت وٺڻي پوندي؟

**جواب:** جي ها. فقط بعض جي اجازت ڪافي نہ آهي، سيني کان اجازت ملي وئي تہ نيڪ، نہ تہ جيترن کان اجازت ورتي انهن جي حصي ۾ تصرف ڪرڻ جائز ٿيندو.

## 12 ماڻهن کان ورتل چندو بچي ويو تہ.....؟

**سوال:** مدرسي ۾ ٿڌي پاڻي جو ڪولر لڳائڻ جي لاءِ 12 ماڻهن کان هڪ هڪ هزار روپيا ورتا ۽ ان مان چار هزار بچي ويا، ان باقي چار هزارن مان مدرسي جي لاءِ ٿال خريدڻ جو ذهن بڻيو تہ ڇا هاڻي بہ 12 ماڻهن کان اجازت وٺڻ ضروري آهي يا يعني چئني جي اجازت ڪافي آهي؟

**جواب:** جيڪڏهن رقم ان طرح ملائي وئي جو ڪنهن جي نوٽن جي شناخت نہ رهي تہ 12 ماڻهن کان اجازت وٺڻي پوندي ۽ جيڪڏهن رقم جدا جدا رکي هئي يا ملائي ڇڏي پر شناخت باقي هئي يا نوٽن تي نشان لڳايا ويا هئا ۽ خبر آهي تہ باقي چار هزار فلان فلان ماڻهن جا آهن تہ صرف انهن چئن ماڻهن جي اجازت ڪافي آهي. منهنجا آقا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن باقي بچيل چنديءَ جي باري ۾ فرمائن ٿا: چندو جنهن ڪم جي لاءِ ورتو ويو جڏهن ان ڪان پوءِ بچي تہ اهو انهن جي ملڪيت آهي جنهن چندو ڏنو آهي. كَمَا حَقَّقْنَاهُ فِي فَتَاوٰينا (جيئن اسان پنهنجي فتوائن ۾ ان جي تحقيق ڪئي آهي) انهن کي حصي برابر واپس ڏنو وڃي يا جنهن ڪم ۾ اهي چون خرچ ڪيو وڃي. (فتاويٰ رضويہ ج 16 ص 247)

## مسجد جي افطاري جو مسئلو

**سوال:** رمضان المبارڪ ۾ ماڻهو روزيدارن جي لاءِ مسجد ۾ جيڪا افطاري موڪلين ٿا ان مان غير روزيدارن جو کائڻ ڪيئن؟ جيڪڏهن گناهہ آهي تہ ڇا ان جو گناهہ انتظام ڪندڙن تي بہ آهي؟

**جواب:** جيڪا افطاري روزيدارن جي لاءِ موڪلي ويندي آهي اها غير روزيدار نٿا کائي سگهن. فرض ڪريو ڪو مريض يا مسافر آهي يا ڪنهن سبب ان جو روزو ٽٽي چڪو آهي تہ اهو ان افطاري ۾ شريڪ نہ ٿئي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: افطاري ۾ غير روزيدار جيڪڏهن روزيدار ٿي شريڪ ٿين ٿا تہ مُتولين تي ڪو الزام ناهي، ڪيئي غني (امير) فقير بڻجي پنندا آهن ۽ زڪوٰة وٺندا آهن، ڏيڻ واري جي زڪوٰة ادا ٿي ويندي ڇو تہ حڪم ظاهر تي آهي ۽ وٺڻ واري لاءِ قطعي حرام آهي، ائين انهن غير روزيدارن کي ان جو کائڻ حرام آهي. وقف جو مال مثل مال يتيم آهي جنهن کي ناحق کائڻ تي **الله** تبارڪ وتعاليٰ 4 سيپاري سورة النساء جي آيت 10 ۾ ارشاد فرمايو:

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نه پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

اِنَّمَا يَاْكُلُوْنَ فِيْ بُطُوْنِهِمْ نَارًا ؕ وَسَيَصْلَوْنَ سَعِيْرًا ﴿۱۰﴾

ترجموڪنزالايمان: اهـي تـہ پنهنجـي پيٽ ۾ خالص باهہ ئي ڀرن ٿا ۽ اجهو جيڪي هٽندڙ باهہ ۾ ويندا.

ها متولي چاڙهي واٽي غير روزيدار کي شريڪ ڪن تہ اهي بہ عاصي ۽ مجرم، خائن، مستحقِ عَزل (يعني خيانت ڪرڻ وارو هٽايو وڃڻ لائق آهي) رهيو اڪثر يا ڪل (افطاري ڪرڻ وارن) جو خوشحال هئڻ ان ۾ ڪو حرج ناهي ڇوتہ افطاري مطلق روزيدار لاءِ آهي جيتوڻيڪ غني هجي جيئن مسجد جا ٿانوَ پيئڻ واري جو پاڻي هر نمازي جي غسل ۽ وضو لاءِ آهي جيتوڻيڪ بادشاھ هجي. (فتاويٰ رضويہ ج 16 ص 487)

البت جيڪڏهن ڪنهن مسجد يا علائقي جو عرف اهو آهي جو روزيدار ۽ غير روزيدار ٻنهي کي افطاري ڪرائيندا هجن تہ اتي غير روزيدارن کي بہ اجازت هوندي ۽ جيستائين ٻارن جي کائڻ جو تعلق آهي تہ عام طور تي عرف اهو آهي جو افطاري موڪلڻ وارن جي طرفان انهن تي ڪو اعتراض نٿو ڪيو وڃي تنهن ڪري انهن ٻارن جو کائڻ بہ جائز آهي.

## مسجد جي بچي ويل افطاري جو ڇا ڪجي؟

**سوال:** ماڻهن جو مسجد ۾ موڪليل افطاري جو سامان ٿال ۾ بچي ويو، ان جو ڇا ڪيو وڃي؟

**جواب:** عرف اهو ئي آهي جو ڏيڻ وارا بچي ويل سامان واپس نہ وٺندا آهن تنهنڪري انتظاميہ جي مرضي تي آهي تہ ٻي ڏينهن جي لاءِ بچائڻ چاهين تہ بچائي وٺن، پاڻ کائن يا ٻين کي کارائي ڇڏين يا ورهائي ڇڏين.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي. (حاڪم)

# مسجد جي چندي جا مصارف

**سوال:** مسجد جي ڏڻ ۾ جمع ٿيل چندو ۽ جمعو يا وڏين راتين جو مسجد جي لاءِ جيڪو چندو ملندو آهي، اهو ڪيئن استعمال ڪيو وڃي.

**جواب:** مسجد جي نالي تي مليل چندو اتي جي عرف (يعني رواج) جي مطابق استعمال ڪرڻو پوندو. مثال طور امام، مؤذن ۽ خادم جون پگهارون، مسجد جي بجلي جو بل، مسجد جي عمارت، يا ٻين شين جي ضرورت مطابق مرمت، مسجد جي ضرورت لاءِ شيون مثال طور کوئنرو، ٻهارو، پائيدان، لائٽ، پکا، چٽائي وغيره. منهنجي آقا اعليٰ حضرت، **امام اهلسنّت مولانا شاه امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي هڪ مبارڪ فتويٰ جو اقتباس غور سان ملاحظہ فرمايو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان سان گهڻو ڪجھ سکڻ جي لاءِ ملندو. لکن ٿا: هتي شرعي حڪم اهو آهي جو اوقاف (يعني وقف جي شين) ۾ پهرين نظر شرطِ واقف (يعني وقف ڪرڻ واري جي شرط) تي آهي، زمين ۽ دڪان ان جنهن غرض سان مسجد جي لاءِ وقف ڪيا ان ۾ خرچ ڪيو ويندو، جيتوڻيڪ اهو افطاري، مناني ۽ ختمي لاءِ لائيٽنگ هجي ۽ ان کان سواءِ ٻي غرض ۾ ان جو استعمال ڪرڻ حرام حرام سخت حرام آهي، جيتوڻيڪ اها ديني مدرسي جي اڏاوت هجي. واقف جي شرط تي ائين ئي عمل واجب آهي، جيئن شارع جي نص (يعني قرآن ۽ حديث جي حڪم) تي. (درمختار ج 6 ص 664) ايستائين جو جيڪڏهن ان صرف مسجد جي اڏاوت لاءِ رقم وقف ڪئي تہ مسجد جي مرمت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

جي علاوه مسجد جي ڪؤنري چٽائي لاءِ به خرچ نٿا ڪري سگهو ۽ افطاري وغيره ته رهي هڪ پاسي، ۽ جيڪڏهن مسجد ۾ جن جن شين ۾ خرچ ڪرڻ جو رواج هجي ان جي لاءِ وقف آهي ته عرف جيتري مقدار ۾ منائي ۽ ختمي لاءِ لائيٽنگ ۾ خرچ ڪرڻ جائز آهي پر افطاري ۽ مدرسي ۾ ناجائز، نه ان ڪي استادن جي پگهار ۾ خرچ ڪري سگهو ٿا، ڇوته اهي مسجد جي اخراجات مان نه آهن. جڏهن واقف جي لاءِ وقف ۾ نئين شيءِ شروع ڪرڻ جائز ناهي ته اجنبي شخص جي لاءِ ڪيئن جائز ٿي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن ان شين جي صراحةً (يعني واضح لفظن ۾) اجازت به وقف جي شرطن ۾ رکي يا ڇئي ڇڏيو ته هر قسم جو سنو ڪم ڪري سگهو ٿا يا ائين چيو ته بين ڀلائي جي ڪمن جي اجازت متولي جي مٿي (صوابديد تي) آهي ته ان ۾ به مطلقًا يا متولي جي صوابديد جي مطابق خرچ ٿي سگهي ٿو. مطلب ته هر طرح سان ان جي شرطن جي پيروي ڪئي ويندي ۽ جيڪڏهن شرط معلوم نه هجن ته ان جي متولين جو پهريان کان جيڪو عمل رهيو آهي ان ڪي ڏٺو ويندو، جيڪڏهن هميشه سان افطاري، منائي ۽ ختمي لاءِ لائيٽنگ ڪل يا بعض ۾ خرچ ٿيندو رهيو ته ان ۾ هاڻي به ٿيندو نه ته اصلاً نه ۽ نئون مدرسو بڻائڻ بلڪل ناجائز آهي قديم هئڻ جي اها معنيٰ آهي جو ان ڪي شروع ٿيڻ جو پتو نه هو ۽ جيڪڏهن معلوم هجي ته بنا شرط جي اهو نئون جاري ٿيو ته قديم ناهي جيتوڻيڪ سؤ سالن کان هجي جيتوڻيڪ خبر نه هجي ته ڪڏهن کان آهي.

(فتاويٰ رضويه ج 16 ص 485، 486)

فرمانِ مصطفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

# چندي جي رقم ذاتي ڪم ۾ خرچ ڪئي ته پوءِ؟

**سوال:** مسجد يا مدرسي جي لاءِ ڪيل چندو جيڪڏهن متولي پنهنجي ذاتي استعمال ۾ آندو ته ان جي لاءِ ڇا حڪم آهي؟ جيڪڏهن اهو ڪم غير متولي ڪان ٿئي ته ڇا ڪري؟ جلدي ايتري رقم پنهنجي طرفان چندي ۾ وجهي ڇڏي ته ان جي لاءِ ڇا حڪم آهي؟

**جواب:** چندي جا احڪام متولي ۽ غير متولي جي لاءِ جدا جدا آهن، جيڪڏهن مسجد يا مدرسو موجود آهي ۽ ان جو ڪو متولي به آهي ته ان جي وڏيڪ اڏاوت جي لاءِ يا ان جي اخراجات لاءِ جيڪو چندو متولي وٽ جمع هوندو آهي اهو مسجد يا مدرسي جي لاءِ هِبه هوندو آهي ۽ متولي مسجد يا مدرسي جي طرفان وڪيل بالقبض هوندو آهي ان ڪري چندي جي متولي جي قبضي ۾ ايندي ئي هبه تام (يعني هبه مڪمل) ٿي ويندو آهي ۽ چندو مسجد يا مدرسي جي ملڪيت ۾ ايندو آهي ۽ مالڪ جي ملڪيت مان نڪري ويندو آهي، جيڪڏهن متولي ان چندي کي پنهنجي ذاتي ڪم ۾ خرچ ڪندو ته گنهگار ٿيندو ڇوته ان مال وقف کي پنهنجي ذاتي ڪم ۾ خرچ ڪيو ۽ ان تي لازم آهي ته جيترو پئسو ان پنهنجي ذاتي ڪم ۾ خرچ ڪيو آهي ايترو پنهنجي طرفان انهي ڪم ۾ لڳائي جنهن ڪم جي لاءِ چندو ورتو ويو هو ۽ گڏوگڏ توبه به ڪري.

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، **امام اهلسنّت مولانا شاهه امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: ان تي توبه فرض آهي ۽ تاوان ادا ڪرڻ فرض آهي. جيترا پيسا پنهنجي استعمال ۾ آندا هئا جيڪڏهن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهہ رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

اهو مسجد جو متولي هو تہ ان ئي مسجد جي تيل بتي ۾ استعمال ڪري، ٻي مسجد ۾ خرچ ڪرڻ سان بہ بري الذمہ نہ ٿيندو ۽ جيڪڏهن متولي نہ هو تہ جنهن ان کي چندو ڏنو ان کي واپس ڪري جو توهان جي چندي مان ايترو خرچ ٿيو ۽ ايترو بچيو آهي جيڪو توهان کي ڏيان ٿو، ان ڪري جيڪڏهن اهو متولي آهي تہ تسليم تام ٿي وئي (يعني سپردگي ڪرڻ مڪمل ٿي ويو) نہ تہ چندي ڏيڻ واري جي ملڪيت تي باقي آهي. (فتاويٰ رضويہ ج 16 ص 461)

جيڪڏهن چندو وٺڻ وارو غير متولي آهي يا جنهن ڪم لاءِ چندو ورتو ويو ان جو متولي ناهي يا اجا مسجد يا مدرسي جي اڏاوت جي ترڪيب آهي ۽ ان جي لاءِ ڪجهہ ماڻهو چندو ڪري رهيا آهن تہ اهڙي صورت ۾ جيئن تہ ڪو متولي ناهي ان ڪري جيستائين چندو ان ڪم ۾ خرچ نہ ٿيندو جنهن لاءِ ورتو ويو تہ ان وقت تائين چندو ڏيڻ واري جي ملڪيت تي باقي رهندو ان ڪري ان چندو وصول ڪرڻ وارن مان ڪنهن بہ چندي کي پنهنجي ذاتي ڪم ۾ خرچ ڪيو تہ اهو گنهگار ٿيندو ۽ هاڻي ان تي واجب آهي جيتري رقم ان پنهنجي ذاتي ڪم ۾ خرچ ڪئي آهي ايتري ئي رقم چندو ڏيڻ واري کي واپس ڪري تہ چندو اجا چندو ڏيڻ واري جي ملڪيت ۾ باقي هو ۽ جيڪڏهن ان چندي ڏيڻ واري جي اجازت بنا پنهنجي پاران ان ڪم ۾ رقم خرچ ڪئي جنهن ڪم لاءِ چندو ورتو پئي ويو تہ تڏهن بہ بري نہ ٿيندو، چوتہ ان حقيقت ۾ جيڪا چندي جي رقم ورتي اها تہ پنهنجي ڪنهن ڪم ۾ خرچ ڪري هلاڪ ڪري چڪو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

آهي، هاڻي جيڪا رقم پنهنجي پاران ڏئي رهيو آهي اها چندي ڏيڻ واري کي ڏيڻي آهي يا وري ان جي نئين سري اجازت گهرڻ ضروري آهي.

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، **امام اهلسنّت مولانا شاه امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: اسان پنهنجي فتاويٰ ۾ ان ڳالهہ جي تحقيق ڪئي آهي جيڪو چندو ماڻهن کان ڀلائي جي ڪمن لاءِ ورتو ويندو آهي اهو ڏيڻ واري جي ملڪيت ۾ باقي رهندو آهي. (فتاويٰ رضويہ ج 16 ص 244) فتاويٰ عالمگيري ۾ آهي: ڪنهن شخص ماڻهن کان مسجد ٺاهڻ جي لاءِ چندو ورتو ۽ انهن پيسن کي ان پنهنجي ذاتي ضرورتن ۾ خرچ ڪيو پوءِ ان جي بدلي ۾ مسجد جي ضرورت ۾ مال خرچ ڪيو تہ ائين ڪرڻ جو ان کي اختيار ناهي، جيڪڏهن ائين ڪيو تہ جيڪڏهن چندو ڏيڻ وارن کي سڃاڻي ٿو تہ چندو ڏيڻ وارن کي ان جو تاوان (اوتري رقم) واپس ڪري يا ان جي نئين سري کان اجازت وٺي. (فتاويٰ عالمگيري ج 2 ص 480)

## مسجد جو چندو اڌارو ڏنو تہ؟

**سوال:** جيڪڏهن چندي جي دٻي مان نڪتل رقم جو غلط استعمال ٿيو مثال طور مسجد جي متولين اتفاق راءِ سان ڪنهن غريب مقتدي کي ان مان ڪجهہ رقم اوڌر طور ڏني هاڻي اهو واپس نٿو ڪري تہ ان جو ڪو حل؟

**جواب:** پهريان تہ اهو گناهہ جو ڪم ٿيو، جو مسجد جو چندو ڪنهن مقتدي کي اوڌر طور ڏنو، ان ڪري جيڪو چندو مسجد جي لاءِ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعليٰ)

ورتو ويندو آهي ان مان مقتدين کي اوڌر طور ڏيڻ جو عرف (رواج) ناهي. توبہ ڪرڻي پوندي ۽ اها رقم ضايع ٿيڻ جي صورت ۾ جنهن جنهن قرض ڏيڻ جي باري ۾ فيصلو ڪيو انهن کي رقم پنهنجي هڙان ڏيڻي پوندي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، **امام اهلسنّت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان** عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: متولي کي روا (جائز) نہ آهي جو وقف واري مال مان ڪنهن کي قرض ڏي يا قرض طور پنهنجي ڪتب آڻي. (فتاويٰ رضويہ ج 16 ص 574)

## امانت طور چندي کي اوڌر طور ڪٽڻ ڪيئن؟

**سوال:** جيڪڏهن ڪنهن وٽ امانت طور مسجد جو چندو رکايو ويو ۽ ان امانت جي رقم کي پنهنجي لاءِ قرض طور ڪڍي خرچ ڪيو ان جو ڇا ڪرڻ کپي؟

**جواب:** منهنجا آقا اعليٰ حضرت، **امام اهلسنّت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان** عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: مسجد چاهي غير مسجد جي امانت پنهنجي خرچ ۾ آڻڻ جيتوڻيڪ قرض سمجهي ڪيو تہ حرام، خيانت آهي، توبہ ۽ استغفار فرض آهي ۽ تاوان لازم آهي، پوءِ (ايتري ئي رقم) ڏيڻ سان تاوان ادا ٿي ويو، اهو گناهہ نہ مٽيو جيستائين توبہ نہ ڪري. واللّٰہ تعاليٰ اعلم (فتاويٰ رضويہ ج 16 ص 489)

## تاوان ادا ڪرڻ جو طريقو

**سوال:** چندو غير مصرف ۾ خرچ ڪيو تہ ان جو تاوان (ضمان) ادا ڪرڻ جو ڪهڙو طريقو آهي؟

**جواب:** اهڙي معاملي ۾ تاوان (ضمان) ادا ڪرڻ جو طريقو اهو آهي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

جنهن چندو ڏنو آهي ان کي اطلاع ڪري ته مون اوهان جي ٻڌايل مَصرف (يعني جتي جتي خرچ ڪرڻ جو چيو هو يا جن ڪمن ۾ خرچ ڪرڻو هو ان) جي علاوه خرچ ڪيو آهي، جيڪڏهن چندو ڏيڻ وارو ان کي درست قرار ڏئي ڇڏيو (يعني چئي ته ڪو حرج ناهي) ته اهو بريُّ الذِّمہ ٿي ويندو ۽ جيڪڏهن اهو ان کي درست قرار نه ڏئي ته جنهن چندي جي جيتري رقم غلط استعمال ڪئي اوتري ئي رقم پنهنجي طرفان چندو ڏيڻ واري کي ادا ڪري مثال طور مسجد جي وضو خاني جي تعمير يا وضو جي لاءِ پاڻي جو ٽينڪر گهرائڻ جي مد ۾ جيڪو چندو ڪيو اهو ائين بچي ويو يا بچي وڃڻ جي صورت ۾ چندو ڏيڻ واري جي اجازت بغير مسجد جي رنگ روغن ۾ خرچ ڪيو ته جيتري رقم رنگ روغن تي خرچ ڪئي اها پنهنجي طرفان چندو ڏيڻ واري کي موٽائي، اهو فوت ٿي ويو هجي ته ان جي وارثن کي ڏئي جيڪڏهن بالغ وارث ڪنهن ٻي نيڪ ڪم ۾ خرچ ڪرڻ جي اجازت ڏين ته جيڪو جيڪو اجازت ڏيندو ان جي حصي مان خرچ ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن ان ۾ نابالغ يا پاڳل به آهن ته ان جو حصو هر صورت ۾ ادا ڪرڻ واجب آهي ڇوته اهي اجازت ڏيڻ جا شرعًا اهل نه آهن، جيڪڏهن چندو ڏيڻ وارن جو ڪو وارث نه هجي يا ڪنهن طرح چندو ڏيڻ وارو جو پتو نه پوي ته هاڻي چندو جنهن مد ۾ (يعني جنهن ڪم لاءِ) ورتو هو ان طرح جي ڪم لاء تاوان واري رقم خرچ ڪري، جيڪڏهن ائين به نه ٿئي ته ان جو حڪم لقطي جي مال (يعني ڪريل شيءِ) جو حڪم آهي يعني مسڪينن ۾ خيرات ڪري يا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

ڪنهن ٻه ڀلائي جي ڪم مثال طور مسجد مدرسي ۾ خرچ ڪري سگهي ٿو.

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، **امام اهلسنّت مولانا شاهه امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاويٰ رضويه جلد 23 صفحي 563 تي فرمائن ٿا: چندي جو پيسو چندو ڏيڻ وارن جي ملڪيت ۾ رهندو آهي، جنهن ڪم جي لاءِ اهي ڏين، جيڪڏهن ان ۾ خرچ نه ڪيو ته فرض آهي ته انهن کي واپس ڪيو وڃي يا ڪنهن ٻي ڪم جي لاءِ (استعمال ڪريو جنهن جي) اهي اجازت ڏين، ان (چندو ڏيڻ وارن) مان جيڪو (زنده) نه رهيو ته ان جي وارثن کي ڏنو وڃي يا ان جا عاقل بالغ وارث جن ڪم ۾ خرچ ڪرڻ جي اجازت ڏين ان ۾ استعمال ڪيو، ها جيڪو ان ۾ زنده نه رهيو ۽ ان جا وارث به زنده نه رهيا يا خبر نه ٿي پئي ته ڪنهن ڪنهن کان ورتو هو ڇا ڇا هو، اهو مالِ لُقطہ جيان آهي، مصرف خير مثال طور مسجد ۽ اهلسنت جي مدرسي ۽ مڪتبي وغيره ۾ خرچ ڪري سگهجي ٿو. وهو تعاليٰ اعلم. وڌيڪ معلومات جي لاءِ فتاويٰ رضويه جلد 16 صفحي 134 تي لکيل سوال جواب پڙهو.

## چندي جي رقم گم ٿي وڃي ته؟

**سوال:** ڪنهن وٽ چندي جي رقم امانت طور رکي وئي ۽ اها گم ٿي وئي يا ڪنهن چوري ڪري ورتي يا کسي ورتي، اهڙي صورت ۾ ڇا ان کي تاوان ڏيڻو پوندو؟

**جواب:** امانت جو مال جيڪڏهن سني نموني سنڀالي رکيو هو ۽ ضايع ٿي ويو ته تاوان نه آهي نه ته آهي، منهنجي آقا اعليٰ حضرت،

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

امام اهلسنّت مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو ويو ته متوليِ وقف جي گهر ۾ صندوق مان مالِ وقف چوري ٿي ويو تاوان لازم آهي يا نه؟ الجواب جيڪڏهن متولي ڪا بي احتياطي نه ڪئي ته ان تي تاوان نه آهي، جيڪڏهن اهو قسم کڻي ته ان جي ڳالهه مڃي ويندي ۽ جيڪڏهن بي احتياطي ڪئي مثال طور صندوق کليو يا غير محفوظ رکيو ته ان تي تاوان آهي.

(فتاويٰ رضويه ج 16 ص 569، 570)

## مدرسي جي چندي جي غلط استعمال ۾ تاوان جون صورتون

**سوال:** مدرسي جي ڪنهن خاص مد ۾ ورتل چندي جي غلط استعمال جي ڪري جيڪڏهن تاوان لازم ٿيندو ته اهو تاوان ڪنهن کي ڏيڻو پوندو؟

**جواب:** ان مسئلي جون مختلف صورتون آهن، انهن مان چار صورتون عرض ڪيان ٿو: ﴿1﴾ جيڪڏهن اها زڪوٰة يا فطرو وغيره صدقات واجبه جي رقم يا شيءِ هئي ته فقير شرعي کي ڏيڻ (شرعي حيلو ڪرڻ) کان پهريان بي جا (مثال طور استادن جي پگهار يا تعميراتي ڪمن وغيره ۾) استعمال جي صورت ۾ ان جو تاوان زڪوٰة يا فطرو وغيره صدقات واجبه جنهن ڏنا هئا ان ڏيڻ واري کي ادا ڪري ﴿2﴾ جيڪڏهن اهي آلات ۽ اسباب، چُلهه، ٿانون ۽ ٻين سامان جي مد جون شيون آهن جيڪا چندي ڏيڻ واري جي ملڪيت تي باقي رهنديون آهن ته به بي جا استعمال جي صورت ۾ تاوان چندي ڏيڻ واري کي ئي ڏنو ويندو ﴿3﴾ جيڪڏهن اهو عام صدقات نافله (عطيات) آهن ته

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

جيڪڏهن مدرسي جي متولي يا متولي جي وڪيل يعني ناظم ۽ مهتمم کي ڏئي ڇڏيا مثال طور ناظم کي ڏنا ۽ ناظم ان ۾ بي جا تصرف ڪري هلاڪ ڪيائين ته اهو تاوان جي رقم مدرسي ۾ جمع ڪرائي ۽ جيڪڏهن اهو صدقات نافله ڏيڻ واري جي وڪيل ٿي جي قبضي ۾ هو اجا مدرسي کي نه ڏنو ۽ ان ۾ بي جا تصرف ٿيو ته هاڻي تاوان جي رقم چندو ڏيڻ واري کي ڏني ويندي ۽ اهو نه هجي ته ان جي وارثن کي ۽ اهي نه ملن ته ڪنهن شرعي فقير کي ڏيو جيتوڻيڪ اهو شرعي فقير مدرسي جو طالبعلم هجي ۽ طالبعلم چاهي ته قبضي ڪانپوءِ اها رقم مدرسي کي ڏئي ڇڏي ﴿4﴾ جيڪڏهن اهو مسئلو ڪائڻ وغيره جي باري ۾ آهي مثال طور ناظم مدرسي جو ڪاڌو ڪنهن غير مستحق کي ڪارايو ته ان صورت ۾ تاوان جي رقم مدرسي ۾ جمع ڪرائي وجي ۽ ان سيني صورتن ۾ توبه به لازم آهي.

## زڪوٰة غير مصرف ۾ خرچ ڪئي ته ان جو حل؟

**سوال**: مسئلو معلوم نه هئڻ جي سبب جيڪڏهن ڪنهن چندي ڪرڻ واري زڪوٰة يا فطرو بغير شرعي حيلي جي زڪوٰة جي مصرف کان علاوه خرچ ڪري ڇڏيو ته ان جي توبه جو ڇا طريقو آهي؟

**جواب:** هتي جهالت عذر ناهي، ان ڇونه سکيو؟ جنهن کي چندو جمع ڪرڻو آهي ان جي لاءِ ان جا ضروري مسئلا ڄاڻڻ فرض آهن، نه سکيو ته فرض جو تارڪ ۽ گنهگار ٿيو. مطلب ته ڪنهن زڪوٰة يا فطري جي رقم کي بنا شرعي حيلي جي زڪوٰة يا فطري جي مصرف

کان علاوه خرچ ڪري ڇڏي ته توبه سان گڏوگڏ ان تي تاوان به لازم آهي، مثلاً ڪنهن دعوت اسلامي کي زڪوٰة ڏني ۽ ذميدار بنا حيلي ڪرڻ جي اها رقم مسجد جي تعمير يا استاد جي پگهار يا اهڙي طرح جي نيڪ ڪمن ۾ خرچ ڪري ڇڏي ته ان کي توبه سان گڏوگڏ پنهنجي کيسي مان تاوان ادا ڪرڻو پوندو، جيتوڻيڪ اها رقم لکن بلڪ ڪروڙن جي هجي، ان جي لاءِ فقط زباني توبه ڪافي ناهي.

## تاوان جي رقم نه هجي ته...؟

**سوال**: جنهن لکين رپين جي زڪوٰة بنا حيلي جي غير مصرف ۾ خرچ ڪري ڇڏي ۽ پوءِ مسئلو معلوم ٿيو پر تاوان ڀرڻ لاءِ رقم نه هجي ته ڇا ڪري؟

**جواب:** هاڻي جيڪڏهن اهو شرعي فقير آهي ته ان تي جيترو تاوان آهي، اوتري زڪوٰة ڏئي ان کي ان جو مالڪ بڻايو وڃي هاڻي جن جن جي زڪوٰة جو ان غلط استعمال ڪيو هو، ذڪر ڪيل طريقيڪار جي مطابق رقم سان تاوان ادا ڪري. يعني جن جن ماڻهن جي زڪوٰة هئي ان کي يا ان جي وڪيلن کي موٽائي ڏئي. اهو به ٿي سگهي ٿو ته ڪو ٻيو شرعي فقير زڪوٰة ۽ فطري جي رقم پنهنجي ملڪيت ۾ وٺڻ کان پوءِ جنهن تي تاوان آهي ان کي تحفي ۾ ڏئي يا ان جو قبضو ٿيڻ کان پوءِ ان جي اجازت وٺي ان جي طرفان تاوان ادا ڪري، ۽ ٻنهي صورتن ۾ توبه ڪري. اهو حيلو ان ڪري بيان ڪيو ويو آهي جو لاعلمي جي ڪري حُسنِ نيت جي باوجود ان گناهه ۽ تاوان ۾ مبتلا ٿي ويا انهن کي سهولت ٿي وڃي، ائين ناهي جو ان

حيلي ڪي بنياد بڻائي زڪوٰة ۽ صدقات وغيره کي معاذالله ناجائز ۽ حرام طريقي سان استعمال ڪرڻ شروع ڪيو وڃي! جيڪڏهن ان نيت سان حرام فعل جو ارتڪاب ڪيو تہ بعد ۾ توبہ ڪري وٺندس ۽ حيلي سان تاوان کان بہ ڇوٽڪارو حاصل ڪندس تہ ڪن صورتن ۾ لزومِ ڪفر جو حڪم بہ تي سگهي ٿو.

## جيڪڏهن ڪنهن سيد تي تاوان ٿئي تہ؟

**سوال:** جيڪڏهن ڪنهن سيّد صاحب اها پل ڪئي تہ ڇا ڪري ڇوته سيّد صاحب سان تہ زڪوٰة جو حيلو بہ نٿو ڪرائي سگهجي؟

**جواب:** ڪنهن سيّد صاحب مثال طور زيد جي هڪ لک رپين جي زڪوٰة مصرف کان علاوه خرچ ڪري ڇڏي تہ هاڻي چندي طور مليل زڪوٰة جو ڪنهن شرعي فقير کي مالڪ بڻايو وڃي. شرعي فقير قبضو ڪرڻ بعد اها رقم سيّد صاحب جي نذر (يعني خدمت ۾ پيش) ڪري، هاڻي سيّد صاحب قبضي ڪرڻ بعد ان رقم کي تاوان طور ادا ڪري يعني جن ماڻهن جي زڪوٰة ۾ پل تي هئي ان کي يا ان جي وڪيل کي اها رقم موٽائي ڏئي ۽ توبہ بہ ڪري.

## زڪوٰة فطرو، غير مصرف ۾ خرچ ڪيو تہ هاڻي ڇا ڪري؟

**سوال:** ڪيئي ماڻهن جي زڪوٰة فطري جي رقم بنا حيلي جي غير مصرف ۾ مثال طور مسجد جي تعمير، مدرسي، امام، مؤذن ۽ استادن وغيره جي پگهار ۾ استعمال ڪئي! مسئلو معلوم ٿيڻ تي هاڻي پشيمان آهي، زڪوٰة ۽ فطرو ڏيڻ وارن يا ان جي وڪيلن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نه پڙهيو ته تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

وغيره جي ڪا سڃاڻپ ناهي، رقم جي ڳڻپ جي به خبر ناهي ته اها پريشاني ختم ڪيئن ٿئي؟

**جواب:** جيڪڏهن اصل مالڪ يا ان جي وڪيلن جو ڪنهن به صورت ۾ پتو نه پئجي سگهي يا انهن جو انتقال ٿي ويو هجي ۽ ان جي وارثن تائين رسائي ناممڪن هجي ته اهڙي صورت ۾ جيڪڏهن رقم ياد آهي ته جنهن اها غلطي ڪئي آهي اهو ايتري رقم فُقراء تي صدقو ڪري ۽ **الله** تعاليٰ جي بارگاهه ۾ توبه ۽ استغفار جي ڪثرت ڪندو رهي، اميد آهي ته **الله** تبارڪ و تعاليٰ ٻانهي جي حق ڪان آجو ٿيڻ جي ڪا تدبير فرمائي ۽ جيڪڏهن اهو به ياد نه هجي ته ڪيتري رقم هئي جيڪا غير مصرف ۾ استعمال ڪئي ۽ ان تي درست اطلاع جي ڪا به واهه نه ملي ته اهڙي صورت ۾ تحري ڪري يعني غور ڪري ته اندازي طور ڪيتري رقم ان خرچ ڪئي هوندي پوءِ جيتري رقم تي گمان غالب هجي احتياط طور ان مان ڪجهه وڌيڪ رقم فقرا تي صدقو ڪيو.

## هر ماڻهو مسئلا نٿو ڄاڻي، ان جو حل؟

**سوال:** دعوت اسلامي تمام وڏي تحريڪ آهي هر ماڻهو مسئلن ڪان واقف ناهي هوندو انهن معاملن جو ڇا حل آهي؟

**جواب:** منهنجا آقا اعليٰ حضرت، **امام اهلسنّت مولانا شاهه امام احمد** رضا خان عَلَيْهِ رَحمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: ايترو ديني علم سکڻ جو سچي مذهب جي ڄاڻ ٿئي وضو، غسل نماز روزي وغيره ضروري احڪامن جي باري ۾ علم هجي، تاجر تجارت، هاري زراعت، اجير

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

(مزدور، ملازم) اِجاري مطلب تہ هر شخص جنهن حالت ۾ آهي ان جي باري ۾ احڪامِ شريعت کان واقف ٿيڻ فرض عين آهي. (فتاويٰ رضويہ ج 23 ص 647) ۽ جنهن تي زڪوٰة فرض ٿي ان تي اهو بہ فرض آهي تہ زڪوٰة جا ضروري مسئلا سکي، اهڙي طرح چندو وٺڻ وارن تي بہ هي فرض آهي تہ انهن جا ضروري مسئلا سکن. ڏسو! نفس جي چال ۾ اچي همت هاري ڪٿي اسلام جي عظيم خدمتن جي لاءِ ڪيو ويندڙ چندن کان ئي پاسو نہ ڪيو، فرض ڪريو چندو ڪرڻ ڇڏي بہ ڏنو تڏهن بہ نہ ڄاڻڻ واري جي لاءِ وڏيڪ ڪيئي طرح جا علم سکڻ فرض آهن جن جو ڪجھ حصو اوهان فتاويٰ رضويہ جي عبارت ۾ ملاحظہ ڪيو، ان ڪري همت ڪريو ۽ سکڻ جي ڪوشش ڪريو منهنجي هر ذميدار اسلامي ڀاءُ جي خدمت ۾ عاجزانہ مدني التجا آهي جنهن ڪي چندو يا قرباني جون کلون وصول ڪرڻ جي اجازت ڏين ان جي شرعي مسئلن جي تربيت بہ ڪن.

## چندو ڪرڻ وارن جي تربيت جو طريقو

**سوال:** چندو ۽ کلون ڪرڻ وارن جي تربيت ڪيئن ڪرڻ گهرجي؟

**جواب:** فتاويٰ رضويہ ۽ بهار شريعت وغيره ڪتابن ۾ اهي مسئلا موجود آهن انهن جو مطالعو ڪريو ۽ اهو ڪتاب "**چندي جي باري ۾ سوال جواب**" پڙهڻ جي اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن کي سخت تاڪيد ڪريو. وقت مقرر ڪري ان ڪتاب جي درس جي ترڪيب ڪيو، جيڪو مسئلو نہ سمجھ ۾ اچي پنهنجي اٽڪل يا اندازي سان حل ڪرڻ بدران علماءِ اهلسنت سان رجوع ڪيو. سمجهڻ جو بهتر

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ متيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي. (حاڪم)

طريقو اهو آهي تہ ان ڪتاب جو گهربل ”سوال جواب“ عالم صاحب کي ڏيکاري رهنمائي جي درخواست ڪيو ۽ اهو بہ مشورو آهي اهلسنت جي عالمن سڳورن جي خدمت ۾ اهو ڪتاب پيش ڪري انهن کان دعائون وٺو، جيڪڏهن دعوت اسلامي جي هر ذيلي سطح جي ذميدار اسلامي ڀاءُ (۽ اسلام ڀيڻ) پنهنجي ۽ پنهنجي ماتحتن جي تربيت جو ذمو کنيو تہ اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ لکين اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جي تربيت ٿي ويندي، ان سلسلي ۾ وڏي سطح جي ذميدارن کي گڏجي ”مدني تحريڪ“ هلائڻي پوندي.

## چندو ذاتي اڪائونٽ ۾ جمع ڪرائڻ ڪيئن؟

**سوال:** ڪنهن مدرسي جي چندي جي رقم پنهنجي ذاتي رقم ۾ ان طرح ملائي ڇڏي جو هڪ طرح جا سڀ نوٽ پاڻ ۾ ملي ويا ۽ مقصد اهو هو تہ جڏهن ضرورت پئي، ڪڍي مدرسي تي خرچ ڪندس، ان جي لاءِ ڇا حڪم آهي؟

**جواب:** جيتوڻيڪ ان جي نيت رقم ڦٻائڻ جي نہ هئي تڏهن بہ اهو گهنگار آهي ڇوتہ چندي جي رقم پنهنجي ذاتي مال ۾ ان طرح ملائڻ جو نوٽن وغيره جي شناخت نہ رهي جائز ناهي، ۽ ان ۾ وڏيڪ قباحتون بہ آهن مثال طور جيڪڏهن ڪنهن کي خبر پئي تہ تهمت لڳندي، فوت ٿي ويو تہ اها رقم ضايع ٿيڻ جو امڪان موجود آهي، چندي جي رقم پنهنجي گهر وغيره ۾ رکڻي پوي تڏهن بہ ان ۾ چٽي لکي وجهڻ گهرجي تہ اهو فلان فلان مد ۾ فلان فلان کان ورتل ايترو چندو آهي، بهرحال ڪا اهڙي تدبير اختيار ڪرڻ کپي تہ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

جيئن دنيا ۾ بعد وارن جي لاءِ آساني ۽ آخرت ۾ پنهنجي لاءِ ڇوٽڪارو ٿئي. چنديءَ جي رقم پنهنجي مال ۾ ملائڻ جي ممانعت جي باري ۾ منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي فتويٰ ملاحظه فرمايو، هڪ سوال جي جواب ۾ فرمائن ٿا: جڏهن ته اهي اشرفيون وڪيل (يعني چندو وٺڻ واري) پنهنجي مال ۾ ملائي ڇڏيون ته هاڻي سڄاڻپ نٿي ٿي سگهي ته چندو ڏيڻ واري جو اهو مال هلاڪ ٿي ويو ۽ وڪيل (يعني وٺڻ واري) تي ان جو ضمان (تاوان) لازم ٿيندو، ڇوته ڪنهن جي مال کي پنهنجي مال ۾ ملائڻ ان کي هلاڪ ڪرڻ آهي ۽ هلاڪ ڪرڻ وارو غاصب (يعني غصب ڪرڻ واري) جيان آهي ۽ غصب تي ضمان (تاوان) آهي. (فتاويٰ رضويه ج 23 ص 554 ملخصًا)

## مالِ غصب ڇا آهي؟

**سوال:** مال غصب جي وصف ڇا آهي؟

**جواب:** صدرُالشَّريعه، بدرُالطَّريقه حضرت علامه مولانا مفتي امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القَوِي فرمائن ٿا: مال متقوم (يعني جنهن کي شريعت مال قرار ڏنو هو) محترم (يعني شريعت جنهن کي قابل حرمت قرار ڏنو آهي) منقول (يعني قابل منتقلي مال ۽ سامان) کان جائز قبضو هٽائي، ناجائز قبضو ڪرڻ غصب آهي جڏهن اهو قبضو خفيةً (يعني پوشيده طور تي) نه هجي. (بهار شريعت ج 3 ص 209)

## وياج جي رقم مان استنجا خانا ٺاهڻ ڪيئن؟

**سوال:** وياج جي رقم مان غريبن جي مدد ڪرڻ يا مسجد جي استنجا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.** (طبراني)

خانن جي اڏاوت ڪرائڻ ڪيئن؟ ڇا وياج واري رقم چنديءَ ۾ ڏئي سگهجي ٿي؟

**جواب:** ڪنهن وياج جيتوڻيڪ نيڪ ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ جي لاءِ ورتو تڏهن به ان کي وياج وٺڻ جو گناهه ٿيندو، ڪنهن به نيڪ ڪم ۾ وياج ۽ حرام مال نٿو لڳائي سگهجي، بلڪ وياج جي باري ۾ حڪم آهي جنهن کان ورتو آهي ان کي واپس موٽايو يا ان مال کي صدقو ڪيو جڏهن ته رشوت، چوري يا گناهن جي اجرت جي باري ۾ حڪم اهو آهي ته انهن کي نيڪ ڪمن ۾ خرچ نٿا ڪري سگهو بلڪ ان ۾ اهو ضروري آهي ته جنهن جي رقم آهي ان کي واپس موٽائي ڏيو اهي نه رهيا هجن ته ان جي وارثن کي ڏيو ۽ اهي به نه ملن ته پوءِ صدقو ڪرڻ جو حڪم آهي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، **امام اهلسنّت مولانا شاهه امام احمد رضا خان** عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: جيڪو مال رشوت يا ڳائڻ يا چوري مان حاصل ٿيو ان تي فرض آهي ته جنهن کان ورتو ان کي واپس ڏئي اهي نه رهيا ته ان جي وارثن کي ڏئي، پتو نه پوي ته فقيرن تي صدقو ڪري، خريد وفروخت ڪنهن ڪم ۾ ان مال جو لڳائڻ قطعي حرام آهي. بنا ان صورت جي ڪو طريقو ان جي وبال مان بري ٿيڻ جو نه آهي اهو ئي حڪم وياج وغيره عُقُود فاسده جو آهي فرق صرف ايترو آهي جو هتي جنهن کان ورتو ويو خاص ڪري ان کي موٽائڻ فرض ناهي بلڪ ان کي اختيار آهي ته (جنهن کان ورتو) ان کي واپس ڏئي، چاهي شروع ۾ ئي خيرات ڪري. (فتاويٰ رضويه ج 23 ص 551) ۽ اهو به ياد رکو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

ته وياج ۽ رشوت وغيره حرام مال کي نيڪ ڪمن ۾ خرچ ڪري ثواب جي اميد رکڻ جي باري ۾ منهنجا آقا اعليٰ حضرت، **امام اهلسنّت مولانا شاهه امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن **فرمائن ٿا:** ان کي يعني مال حرام کي خيرات ڪري جيئن پاڪ مال تي ثواب ملندو آهي ان جي اميد رکي ته سخت حرام آهي بلڪ فقهاءِ ڪرام ڪفر لکيو آهي باقي اهو جو شرع حڪم ڏنو آهي ته حقدار (يعني جنهن جو مال آهي اهو، يا اهو نه رهيو ته ان جو وارث ۽ اهو به) نه ملي ته فقير تي صدقو ڪري ان حڪم کي مڃيو ته ان تي (يعني شريعت جي حڪم تي عمل ڪرڻ تي ثواب تي) ثواب جي اميد ڪري سگهي ٿو.

(فتاويٰ رضويه ج 23 ص 580)

## وياج جي پيسن سان حج

**سوال:** وياج وغيره حرام مال مان حج قبول ٿيندو يا نه؟

**جواب:** قبول ٿيڻ جي اميد ناهي، دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي 1250 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت، جلد اول" صفحي 1051 تي صدرُالشَّريعه، بدرُالطَّريقه حضرت علامه مولانا مفتي امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي **فرمائن ٿا:** سفر جو سامان حلال مال مان هئڻ کپي، نه ته حج قبول ٿيڻ جي اميد ناهي جيتوڻيڪ فرض ادا ٿي ويندو.

## ڦرلٽ جي مال مان حج ڪرڻ واري جي دل ڏڪائيندڙ حڪايت

ڪي مشائخ فرمائن ٿا: اسان هڪ ڀيرو حج تي وڃي رهيا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان جتي به هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

هئاسين ته رستي ۾ اسان جي قافلي جو هڪ حاجي وفات ڪري ويو. اسان ڪنهن کان ڪوڏر ورتي، قبر کوٽي، دفن ڪري ڇڏيو، بي خيالي ۾ ڪوڏر ان ۾ رهجي وئي، ڪوڏر ڪڍڻ جي لاءِ اسان جڏهن قبر کوٽي ته هڪ ڀوائتو منظر اسان جي اکين جي اڳيان هو، ان شخص جا هٿ پير ڪوڏر سان جڪڙيل هئا! اسان قبر هڪدم بند ڪئي ۽ ڪوڏر واري کي ڪجھ پيسا ڏئي جان ڇڏائي، پوءِ وطن واپسي تي مرحوم حاجي جي بيوه کان ان جي عملن جي باري ۾ پڇا ڪئي ته ان ٻڌايو ته هڪ ڀيري ان سان گڏ هڪ مالدار شخص سفر ڪيو رستي ۾ هن ان کي ماري وڌو ۽ ان جي مال تي قبضو ڪري ورتو هاڻي اهو حج ۽ جهاد سڀ ڪجھ ان جي مال مان ئي ڪندو رهيو هو. (شرح الصدور ص 174)

## حرام مال سان حج ڪرڻ واري جي شامت

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: وياج جا پيسا جيڪي نيڪ ڪم ۾ خرچ ڪيا وڃن ان جو ڪو ثواب نه ملندو. حديث شريف ۾ آهي: جيڪو حرام مال کڻي حج تي وڃي ٿو جڏهن لَبَّيڪ چوندو آهي، هاتف، غيب مان جواب ڏيندو آهي: نه تنهنجي لَبَّيڪ قبول، نه خدمت پذير (يعني منظور) ۽ تنهنجو حج تنهنجي مُنهن تي مَردود آهي. (اتحاف السادة المتقين ج 4 ص 727) ايستائين جو تون اُهو حرام مال جيڪو تنهنجي قبضي ۾ آهي اُن جي مستحقن کي واپس ڏئي ڇڏين. حديث ۾ آهي: رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: بيشڪ الله پاڪ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعليٰ)

آهي، پاڪ ئي شيءِ قبول فرمائيندو آهي. (صحيح مسلم ص 506 حديث 1015)

# وياج نہ وٺون تہ بينڪ وارا غلط استعمال ڪري سگهن ٿا!

**سوال:** اڄڪلهہ سيونگ اڪائونٽ (Saving Account) تي بينڪ مان وياج ملندو آهي جيڪڏهن اسان نہ وٺون تہ بينڪ وارا ان جو غلط استعمال ڪندا آهن، بدمذهبن تي خرچ ڪرڻ جو امڪان رهندو آهي، ڇا اهڙي صورت ۾ بہ اسان وياج وٺي، بنا ثواب جي نيت سان ڪنهن نيڪ ڪم ۾ خرچ نٿا ڪري سگهون؟

**جواب:** اهڙي صورت ۾ جيڪڏهن بينڪ مان وياج ورتو تہ گهنگار ٿيندؤ. سيونگ اڪائونٽ کولائڻ ئي جائز ناهي ڇوتہ ان تي وياج ٿيندو آهي. عالم سڳورا سيونگ اڪائونٽ کولرائڻ کان منع ڪندا آهن، ڪرنٽ اڪاؤنٽ (Current Account) جي اجازت ڏيندا آهن ڇوتہ ان ۾ وياج نہ ٿيندو آهي، ياد رکو! شريعت ۾ وياج قطعي حرام آهي. وياج وٺڻ وارو، ڏيڻ وارو، ان جي گواهي ڏيڻ وارو، ان جي لکت ڪرڻ وارو سڀئي گهنگار ۽ عذاب نار جا حقدار آهن. وياج جي مذمت تي ٽي عبرتناڪ روايتون پڙهو ۽ ربّ عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄو.

## ﴿1﴾ رت جي نهر

سرڪار والاتبار، بيڪسن جي مددگار صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: ”مون مِعراج جي رات ڏٺو تہ ٻہ شخص مون کي اَرضِ مُقَدَّس (يعني بيتُ المقدس) وٺي ويا، پوءِ اسان اڳيان هلياسين، ايستائين جو رت جي هڪ نهر تي پهتاسين، جنهن ۾ هڪ شخص

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

بيٺو هو ۽ نهر جي ڪناري تي ٻيو شخص بيٺو هو، جنهن جي سامهون پٿر رکيل هئا، نهر ۾ موجود شخص جڏهن به ٻاهر نڪرڻ جو ارادو ڪندو هو ته ڪناري تي بيٺل شخص هڪ پٿر ان جي مُنهن تي هڻي ڪري اُن کي ان جي جڳهه موٽائي ڇڏيندو هو، ائين ئي ٿيندو رهيو ته جڏهن به هو (نهر وارو) شخص ڪناري تي اچڻ جو ارادو ڪندو هو ته ٻيو شخص ان جي مُنهن تي پٿر هڻي ڪري ان کي واپس موٽائي ڇڏيندو هو، مون پڇيو: هيءَ نهر ۾ ڪير آهي؟ جواب مليو: ”هي وياج کائڻ وارو آهي.“

(صحيح البخاري، ج 2، ص 14 الحديث 2085)

## ﴿2﴾ ڇڻ ماءُ سان زنا

مڪي مدني آقا صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان عبرت نشان آهي: ”وياج 72 گناهن جو مجموعو آهي. انهن مان ننڍي ۾ ننڍو ائين آهي، جيئن ڪو مرد پنهنجي ماءُ سان زنا ڪري ۽ سڀ کان وڏيڪ زيادتي، ڪنهن مسلمان جي بيعزتي ڪرڻ آهي.“

(المعجم الاوسط، ج 5، ص227 الحديث: 7151)

## ﴿3﴾ پيٽ ۾ نانگ

حضور نبي ڪريم صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان عبرت نشان آهي: مِعراج جي رات مان هڪ اهڙي ماڻهن وٽان گذريس، جن جا پيٽ گهرن وانگر (وڏا وڏا) هئا، جن ۾ نانگ پيٽن جي ٻاهر کان ڏسڻ ۾ اچي رهيا هئا. مون جبرائيل (عَلَيهِ السَّلام) کان پڇيو: ”هي ڪير آهن؟“ انهن عرض ڪيو: ”هي وياج خور آهن.“

(سنن ابن ماجه، ج 3، ص 72 الحديث: 2273)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي . (مجمع الزوائد)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحنّان ان حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: اڄ اسان جي پيٽ ۾ جيڪڏهن معمولي ڪيڙو پيدا ٿي پئي تہ طبيعت خراب ٿي ويندي آهي، ماڻهو بي چين ٿي ويندو آهي تہ جيڪر ان جي پيٽ ۾ نانگ ۽ ڀتون وغيره ڀرجي وڃن تہ ان جي تڪليف ۽ بيقراري جو ڇا حال هوندو؟ ربّ عَزَّوَجَلَّ! جي پناهہ. (مرأة المناجيح ج 4 ص 259)

## مدرسي ۾ اچڻ وارن مهمانن جي خاطر تواضع

**سوال:** دعوت اسلامي جي جامعة المدينہ ۾ مهمان ايندا آهن، انهن جي خيرخواهي يعني ڪاڌو ۽ چانهہ پاڻي وغيره جامعة المدينہ جي چندي مان ڪري سگهجي ٿو يا نہ؟

**جواب:** ڪو بہ ديني مدرسو هجي سيني جي لاءِ اهو مسئلو آهي تہ جيترو عرف جاري هجي ايتري مهمان نوازي ڪري سگهو ٿا پر واقعي مهمان هئڻ گهرجن جيئن مشائخ ڪرام ۽ شخصيات، دعوت اسلامي جي مختلف جامعة المدينہ جي دؤري تي تشريف آڻيندا آهن، انهن سان گڏ خصوصي طور تي تشريف آڻڻ واري رفيق جي بہ خيرخواهي (خاطر تواضع) ڪري سگهو ٿا. ضرورتًا ميزباني ڪرڻ وارا بہ مهمان سان گڏ ڪائڻ پيئڻ ۾ شريڪ ٿي سگهن ٿا، عرف ۽ رواج جي خلاف پنهنجي دوستن ۽ رشتيدارن کي ترسائڻ ۽ ڪاڌو کارائڻ روا (يعني جائز) نہ آهي.

## مدرسي جو ڪاڌو غير مستحق ڪاڌو تہ؟

**سوال:** جيڪڏهن مدرسي جي طالبن جو ڪاڌو ڪنهن غير حقدار

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

ڪاڏو ته گناهه ۽ تاوان ڪنهن تي؟

**جواب:** جيڪڏهن مدرسي جي انتظاميه جي مقرر ڪيل ذميدار يا ڪاڏو ورهائڻ واري ڄاڻي واڻي غير حقدار کي پاڻ ڪاڏو ڏنو ته گهنگار ٿيو توبه به ڪري ۽ تاوان به ڏئي. جيڪڏهن ڪائڻ واري کي به خبر آهي ته حقدار نه آهيان ته اهو به گهنگار آهي پر ان صورت ۾ ان تي تاوان ناهي، توبه ڪري، جيڪڏهن مدرسي جو ڪاڏو طالبن ۾ ورهايو پئي ويو انهن ۾ ڪو غير حقدار به شريڪ ٿيو ته ان صورت ۾ ورهائڻ واري تي تاوان نه بلڪ ڪائڻ واري تي ٿيندو.

## مسئلو معلوم نه هجي ۽ ڪائي ورتو ته؟

**سوال:** جيڪڏهن مسئلو معلوم نه هجي ته ڇا پوءِ به ڄاڻي واڻي مدرسي جي طالبن جو ڪائڻ، خبر نه هئڻ جي صورت ۾ گناهه آهي؟

**جواب:** ڪن صورتن ۾ گناهه آهي، مثال طور مدرسي جو ڪاڏو هئڻ خبر هجي ۽ ڪائڻ وارو مدرسي جو مخصوص دعوتي ناهي (مثال طور مدرسي جي دؤري تي اچڻ واري شخصيات سان گڏ نه) آهي ته معلوم نه هئڻ جي صورت ۾ به گهنگار ٿيندو، ان طرح جا مسئلا ڄاڻڻ ضروري آهن.

## غير حقدار کي ڪاڏو نه ڏيڻ واجب آهي

**سوال:** جيڪڏهن ڪاڏو ورهائيندي وقت غير مستحق کي ڏنو ته ان کي منع ڪرڻ واجب آهي يا نه؟ جيڪڏهن منع نه ڪيو ۽ لاعلمي يا جهالت جي ڪري ڪو شخص طالبن جو ڪاڏو ڪائڻ شروع ٿي ويو ته ڇا ورهائڻ وارو به گهنگار يا تاوان جو سزاوار ٿيندو؟

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

**جواب:** جيڪڏهن غير مستحق کي ڏنو ۽ ان جو غير مستحق هئڻ جي بہ خبر آهي تہ ان کي کاڌو نہ ڏيڻ واجب آهي، ڏيندو تہ گهنگار ۽ تاوان جو سزاوار ٿيندو. باقي جيڪڏهن سڀ گڏجي ٿال ۾ کائي رهيا آهن ۽ ان (ورهائڻ واري) پنهنجي طرفان مستحقن کي ڏنو ۽ غيرمستحقن جي نيت ناهي ۽ منع ڪرڻ تي قدرت بہ نہ هئي تہ ڏيڻ وارو گهنگار نہ ٿيندو. جيڪڏهن منع ڪرڻ تي قادر هجي ۽ مروّت ۾ منع نہ ڪري تہ گهنگار ٿيندو. منع ڪرڻ جي لاءِ موعظہ حسنہ يعني سهڻو انداز اختيار ڪري مثال طور ان جي ڪن ۾ نرمي سان چوي يا مسئلو لکي پيش ڪري تہ جيئن اٿبٽت نہ ٿئي، جيڪڏهن هرهر غير حقدار شريڪ ٿيندا هجن تہ پوءِ ائين لکي پاڻ وٽ رکي ۽ موقعي تي ڏيکاري: وڏي عاجزي سان مدني التجا آهي اوهان مون سان هرگز ناراض نہ ٿيو، شريعت جو حڪم عرض ڪيان ٿو: اهو مدرسي جو کاڌو آهي، اوهان جي لاءِ کائڻ شرعي طور جائز ناهي.

## مدرسي ۾ ٻاهر کان گهڻو کاڌو اچي تہ ڇا ڪجي؟

**سوال:** ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو شادي جي دعوت يا ميت جي ايصالِ ثواب جي لاءِ بزرگن جي نياز جو کاڌو گهڻي مقدار ۾ اهو بہ بي وقت مدرسي ۾ موڪليندا آهن، اهو کاڌو يا تہ طالبن جي ڪم نہ ايندو يا ڪجھ بچي ويندو جيڪڏهن ضايع ٿيڻ جو خوف هجي تہ ٻين کي کارائي سگهجي ٿو؟

**جواب:** عام مسلمانن کي پيش ڪيو وڃي، بي وقت ڏنو ويندڙ کاڌو عام طور اهو هوندو جيڪو تقريبن ۾ بچي ويندو آهي، ضايع ٿيڻ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (كنز العمال)

جي خوف کان ماڻهو مدرسي ۾ موڪليندا آهن، غالبًا هتي مقصد طالبن جي خدمت ناهي هوندي بلڪ ذهن اهو هوندو آهي ته ڪنهن ڪم اچي ويندو، ان قسم جو ڪاڏو ڪيئي ڀيرا مدرسي ۾ ضايع ٿي ويندو آهي، مدرسن وارن کي کپي ته ضرورت نه هئڻ جي صورت ۾ قبول نه فرمائن، جيڪڏهن قبول ڪري ورتو ته پنهنجي ذميداري نڀائن ۽ ان کي ضايع ٿيڻ کان بچائن ۽ ثواب ڪمائن، ممڪن هجي ته فريج ۾ رکو ۽ ٻي ڏينهن ڪم آڻيو، احتياط انهي ۾ آهي ته ڪاڏو وصول ڪرڻ وقت کائڻ جي مالڪ کان طالبن کي کارائڻ جي شرط هٽائي هر هڪ کي کائڻ ورهائڻ وغيره جو اختيار وٺي ڇڏيو.

## مدرسي جو ڪاڏو بچي وڃي ته؟

**سوال:** اهو ڪاڏو جيڪو مدرسي ۾ پچايو ويو ۽ بچڻ جي صورت ۾ ٻئي وقت طالب نه کائين خراب ٿيڻ جو انديشو هجي ڇا اهڙو ڪاڏو پاڙي ۾ ورهائي سگهجي ٿو؟

**جواب:** جي ها پاڙي يا عام مسلمانن ۾ ورهائي سگهو ٿا.

## قافلي وارن جو مدرسي جي بورچي خاني مان ڪاڏو پچائڻ

**سوال:** جيڪڏهن جامعة المدينہ سان لڳ مسجد ۾ قافلو قيام ڪري ۽ شرڪاءِ قافلہ جامعة المدينہ جي مَطبَخ (يعني بورچي خاني) ۾ پنهنجو ڪاڏو پچائن ته اهو جائز آهي يا نه؟

**جواب:** جائز ناهي. ڇوته گيس جو بل، ماچس، ٿانوَ وغيره سيني تي چنديءَ جي رقم خرچ ڪئي وڃي ٿي. ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

هوندو جو ماڻهو جامعة المدينه جي لاءِ ٽانوَ وغيره وقف به ڪري ڇڏيندا هوندا. اهڙي صورت ۾ به ٻاهر وارن کي استعمال ڪرڻ جي شرعًا اجازت ناهي. مدني قافلي وارن جي لاءِ ضروري آهي ته پنهنجي چلهي ۽ ٽانون وغيره جي ترڪيب رکن، لوڻ به گهٽ هجڻ جي صورت ۾ مدرسي کان نه وٺن. اهو به ذهن ۾ رهي ته هيئن چئي به نٿا وٺي سگهو ته هينئر ٿورو ڪڻون ٿا، پوءِ پئسا ڏيئي ڇڏينداسين يا جيترو ورتو آهي اُن کان وڌيڪ ڏئي ڇڏينداسين. ضمنًا عرض آهي ته اِهو احتياط هر جڳهه تي لازمي آهي ته فناءِ مسجد بلڪ مسجد کان ٻاهر اهڙي جاءِ تي پچايو جتان کان مسجد جي اندر دونهون يا بدبو وغيره داخل نه ٿئي. ڪاڌو ڪائڻ يا ڌوئڻ پچائڻ وغيره ۾ اُتان جي فراسي يا فرش وغيره ٿورو به خراب نه ٿئي، انهي جو خيال رکڻ تمام ضروري آهي.

## قافلي وارن جو فناءِ مسجد ۾ ڪاڌو پچائڻ

**سوال:** ڇا مدني قافلي وارن جو فناءِ مسجد ۾ ڪاڌو پچائڻ جائز آهي؟

**جواب:** مسجد کي بدبودار شين کان بچائڻ واجب آهي. جيڪڏهن فناءِ مسجد ۾ ڪاڌو پچائڻ جي باوجود مسجد کي (مثال طور، ماچس جي تيلي ٻارڻ مهل اُٿڻ واري بدبو، ڪچي گوشت، ڪچي بصر ۽ ٿُوم وغيره جي) بدبو کان بچائي سگهجي، ته جائز آهي.[1] البت مٿي ڏنل جواب ۾ مٿي ذڪر ڪيل احتياطن جو ضرور لحاظ رکيو وڃي.

(1) مڪتبة المدينه جو شايع ٿيل رسالو "مسجدون خوشبودار رکو" فيضان سنت جلد اول جو باب فيضان رمضان جو مطالعو ڪريو.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

# چا مدني قافلي وارا جامعة المدينہ جو ڪاڏو ڪائي سگهن ٿا؟

**سوال:** مدني قافلي جا مسافر دعوت اسلامي جي جامعة المدينہ يا ڪنهن بہ مدرسي جي طالبن جو ڪاڏو ڪائي سگهن ٿا يا نہ؟

**جواب:** نہ ٿا ڪائي سگهن.

# مدرسي جا ڪمبل ڪو ٻيو استعمال ڪري سگهي ٿو يا نہ؟

**سوال:** مسجد ۾ مدني قافلو اچي ترسي تہ سردين جي صورت ۾ جامعة المدينہ جي طالبن جي لاءِ مليل ڪمبل وغيره مدني قافلي جا مسافر استعمال ڪري سگهن ٿا يا نہ؟

**جواب:** طالبن جي لاءِ مليل ڪمبل طالبن کان علاوه استاذ، عملو ۽ مهمان استعمال ڪري سگهن ٿا. ان کان سواءِ مدني قافلي وارا ۽ عام مسلمان نہ ٿا استعمال ڪري سگهن. ها ڏيڻ واري ڏيڻ کان اڳ ۾ صراحت ڪري ڇڏي هجي تہ مدني قافلي وارا بلڪ هر مسلمان کي استعمال ڪرڻ جو اختيار آهي تہ ڪري سگهن ٿا.

# مسجد جي ڪولر جو ٿڌو پاڻي گهر کڻي وڃڻ ڪيئن؟

**سوال:** پنهنجي دڪان يا گهر ۾ پيئڻ جي لاءِ مسجد يا مدرسي جي ڪولر مان ٿڌو پاڻي پري کڻي وڃڻ ڪيئن؟ جيڪڏهن مؤذن صاحب کان اجازت ورتي تہ؟

**جواب:** ناجائز آهي، مؤذن خادم يا امام بلڪ متولي بہ چندي جي ان شين کي خلاف شريعت استعمال ڪرڻ جي اجازت نٿا ڏئي سگهن.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

# مسجد جو سادو پاڻي پري ڪٽي وڃڻ ڪيئن

**سوال:** ڇا سادو پاڻي بہ مسجد يا مدرسي مان پري ڪٽي نٿو وڃي سگهجي؟

**جواب:** جتي جتي مسجد يا مدرسي مان پري ڪٽي وڃڻ جو عرف آهي اتي جائز ۽ جتي عرف نہ اتي ناجائز. ڪٿي پاڻي گهٽي مقدار ۾ هوندو آهي ۽ ماڻهو بالٽيون پري ڪٽي ويندا آهن تہ ڪٿي پاڻي جي ڪافي تنگي هوندي آهي ۽ حالت اها ٿيندي آهي تہ ڪڏهن موٽر هلندو آهي تہ ڪڏهن نہ ۽ پيسا ڏئي ٽينڪر ذريعي پاڻي گهرايو ويندو آهي اهڙي تنگي جي صورت ۾ صرف هڪ اڌ بوتل پرڻ جي حد تائين اجازت ٿي سگهي ٿي، ان ۾ اتي جو عرف آهي جيڪڏهن عرف نہ هجي تہ بوتل پري بہ نٿا ڪٽي وڃي سگهو، جيڪڏهن انتظاميہ صراحةً لکي لڳايو آهي تہ ”پاڻي پري ڪٽي وڃڻ منع آهي“ تہ ان صورت ۾ پاڻي پري نہ ڪٽي وڃو، بهرحال پاڻي جي قلت ۽ ڪثرت جي مطابق هر علائقي جي مسجد ۽ مدرسي جو پنهنجو پنهنجو عرف هوندو آهي ان جي اعتبار ڪان جواز ۽ عدم جواز (يعني جائز ۽ ناجائز هئڻ) جو حڪم ٿيندو.

# مدرسو جيڪڏهن وڏي عمارت ۾ هجي تہ پاڻي جو حڪم

**سوال:** جيڪڏهن وڏي عمارت ۾ مدرسو هجي ۽ سڄي عمارت لاءِ پاڻي جي هڪ ئي ٽينڪي هجي تہ ڇا هاڻي بہ مدرسي جي نلڪي ۾ نڪرڻ وارو پاڻي مدرسي جو ئي چورائيندو؟

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نه پڙهي. (حاڪم)

**جواب:** جي نه، اهڙي صورت ۾ اهو پاڻي مدرسي جي وقف جو پاڻي نه چورائيندو، ها مدرسي جي پنهنجي جدا ٽينڪي ۾ جمع ٿيل مدرسي جي لاءِ وقف جو پاڻي شمار ٿيندو.

## مسجد جون شيون مدرسي ۾ استعمال ڪرڻ ڪيئن؟

**سوال:** جيڪڏهن مسجد، مدرسي جي عمارت سان گڏوگڏ هجي ته اهڙي صورت ۾ مسجد جون فراسيون، رحل، قرآن پاڪ وغيره مدرسي مان ۽ مدرسي جون ان طرح جون شيون مسجد ۾ استعمال ڪري سگهجن ٿيون يا نه؟

**جواب:** نٿا ڪري سگهو. جيڪي شيون مدرسي جي طالبن جي لاءِ ڪنهن وقف ڪيون اهي طالب ئي ڪتب آڻن ۽ جيڪي مسجد جي لاءِ وقف هجن اهي مسجد جا نمازي ئي استعمال ڪن، ها طالب به جيڪڏهن مسجد ئي اچي اتي جي قرآن پاڪ مان تلاوت ڪن ته ڪو حرج ناهي. تڏهن ان تي پنهنجو نالو، پتو ۽ سبق وغيره جي لاءِ قلم سان نشان نٿا لڳائي سگهو، البت اهي مدرسا جن جي الڳ ڪا حيثيت نه هوندي آهي ۽ اها مسجد ئي جي عمارت ۾ هڪ پاسي مخصوص جڳهه تي قائم هوندا آهن جنهن کي ”مسجد مدرسو“ به چيو ويندو آهي ان ۾ جيڪڏهن مدرسي جي ڪا شيءِ مسجد ۾ ڪٽي استعمال ڪئي وڃي ته حرج ناهي ڇوته عرف ۾ اهڙي جڳهن جي لاءِ فرق ناهي ڪيو ويندو ۽ استعمال ۾ به عرف اهو ئي هوندو آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

# مسجد ۽ مدرسي جون شيون جدا جدا رکڻ جا مدني گل

**سوال:** جتي مسجد ۽ مدرسة المدينہ گڏ هجن اتي اهي احتياط نهايت مشڪل آهن جيڪڏهن ان باري ۾ ڪي مدني گل ملي وڃن تہ مدينہ مدينہ.

**جواب:** جتي مسجد ۽ مدرسو گڏ هجن ۽ اهو مدرسو "مسجد جو مدرسو" نہ هجي اتي مسجد جي ڪلام پاڪ تي ان طرح جي مهر لڳائي وڃي: وقف براءِ مسجد، مدرسي ۾ کڻي وڃڻ منع آهي. ان طرح مدرسي جي ڪلام پاڪ تي اهو مهر لڳايو: وقف براءِ مدرسة المدينہ، مسجد ۾ کڻي وڃڻ منع آهي. جيڪڏهن وقف ڪرڻ واري کان صراحةً اجازت ورتي آهي تہ مسجد ۽ مدرسي ٻنهي جڳهہ استعمال ڪرڻ جي هر طرح سان اختيار آهي تہ ائين مهر لڳايو: وقف براءِ مسجد ۽ مدرسة المدينہ. ان طرح فراسين ۽ ٻين شين جي لاءِ نشانيون مقرر ڪيو مثال طور مدرسي جي شين تي تارو ★ ۽ مسجد جي شين تي چنڊ ☾ ٺاهيو ۽ طالبن وغيره کي ان علامتن جي باري ۾ سمجهائي ڇڏيو.

# مدرسي جي ڪتاب تي پنهنجو نالو رکڻ ڪيئن؟

**سوال:** طالبعلم مدرسي جي مصحف شريف، قاعدن يا درسي ڪتابن تي پنهنجو نالو وغيره لکي سگهن ٿا يا نہ؟

**جواب:** انتظاميہ طرفان ڪتابن وغيره تي نمبر لکيا وڃن ۽ شاگرد ان کي ياد ڪن، طالبعلم پنهنجي طرفان نالو وغيره ڪجهہ نہ لکن.

## مدرسي جي ڊيسڪ ٽوڙي ته؟

**سوال:** ڪنهن سبب سان مدرسي جو ڊيسڪ ٽٽي ويو ته ڇا ڪري؟

**جواب:** جيڪڏهن پنهنجي غلطي سان ڊيسڪ ٽوڙيو يا ڪو نقصان ٿيو ته تاوان ڏيڻو پوندو، جيڪڏهن پنهنجي غلطي سان ائين نه ٿيو ته ان تي پڪڙ نه آهي.

## مدرسي جي ڊيسڪ وغيره تي ڪجھ لکڻ

**سوال:** مدرسي جي ڊيسڪ، دروازي ۽ ديوار وغيره تي ڪجھ لکڻ ڪيئن؟

**جواب:** مدرسي ۽ مسجد جي شين تي لکڻ رهيو هڪ پاسي، ڪنهن ٻي جي جاءِ، دڪان، ديوار، دروازي يا گاڏي ۽ بس وغيره شين تي به بنا شرعي اجازت جي ڪجھ لکڻ اسٽيڪر يا اشتهار لڳائڻ منع آهي. **معاذالله** (عَزَّوَجَلَّ) ڪي بداخلاق ۽ گندي ذهنيت جا ماڻهو مسجدن، مدرسن يا عوامي استنجاخانن جي ديوارن ۽ دروازن تي فحش ڳالهيون لکندا آهن ۽ گنديون تصويرون بنائيندا آهن انهن کي **الله** عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄندي توبه ڪرڻ گهرجي ۽ ان جو ازالو به ڪرڻو پوندو.

## ازالي جو طريقو

**سوال:** مدرسي وغيره جي ديوار يا ڊيسڪ تي ڪجھ لکيو هو، هاڻي مسئلو خبر پوڻ تي پشيمان ٿيو هاڻي ڇا ڪري؟ اِزالي جي ڇا صورت ٿيندي؟

**جواب:** ان جي لکت ان طرح صاف ڪري جو ان شيءِ کي ڪنهن طرح جو نقصان نه ٿئي، مثال طور ممڪن هجي ته پاڻي واري ڪپڙي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

سان آهستہ آهستہ مٽائي، جيڪڏهن رنگ خراب ٿيو يا نشان پئجي وڃن تہ جيڪو رنگ ڀتيون کان لڪيل آهي ان طرح جو رنگ اهڙي طرح لڳائي جو جيڪا نقص يا خرابي پيدا ٿي اها ختم ٿي وڃي، توبہ بہ ڪري، ازالو ڪرڻ کان پهريان ضرورتًا مدرسي جي انتظاميہ يا ان جي گهر يا دڪان جي مالڪ کي اعتماد ۾ وٺي تہ جيئن ڪو فساد وغيره نہ ٿئي. وقف واريون جايون مثال طور مسجد يا مدرسي جي انتظاميہ جو معاف ڪرڻ ڪافي نہ هوندو ازالو ضروري آهي. ها جيڪڏهن ڪنهن جي ذاتي ديوار وغيره تي لکيو هو چاڪنگ وغيره ڪئي تہ ان جو (چوڪيدار يا ملازم يا ڪرائيدار وغيره نہ بلڪ اصل) مالڪ جيڪڏهن معافي ڏئي تہ ازالي جي حاجت ناهي.

## چندي جي ڪلي اختيارات جو مسئلو

**سوال:** جيڪڏهن دعوت اسلامي جي لاءِ چندو يا کل ڏيڻ يا وٺڻ وقت "ڪلي اختيارات" ڏئي ڇڏيا چا پوءِ بہ فلاحي ڪمن ۾ خرچ نٿا ڪري سگهون؟

**جواب:** نٿا ڪري سگهو. چندو يا ان جي کل سان مليل رقم کي دعوت اسلامي جي طئي شده طريقي ڪار مطابق ئي خرچ ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن عرف کان هٽي ڪنهن بئي ڪم ۾ خرچ ڪيو تہ تاوان ادا ڪرڻو پوندو يعني جنهن جيتري رقم خرچ ڪئي ان کي اها هڙان موٽائي ڏيڻي پوندي ۽ توبہ بہ ڪرڻي پوندي.

## ڪلي اختيارات جا محتاط الفاظ

**سوال:** زڪوٰة فطرو وغيره عطيات وٺڻ وقت ڪهڙا الفاظ چيا وڃن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

جنهن سان هرنيڪ ڪم ۾ استعمال ڪرڻ جي اجازت ملي وڃي؟

**جواب:** زڪوٰة، فطرو، جيڪي واجب صدقات مان آهن. انهن ڪي ڪلي اختيارات ونڻ جي ضرورت ناهي ڇو تہ ان ۾ ڪنهن مستحق کي مالڪ بڻائڻ شرط آهي، ماڻهو جيتوڻيڪ زڪوٰة وغيره بظاهر دعوت اسلامي کي ڏيندا آهن پر حقيقت ۾ اهي دعوت اسلامي وارن کي پنهنجي زڪوٰة يا فطري کي ان جي صحيح مصرف ۾ استعمال جو "وڪيل" بڻائيندا آهن تنهن ڪري دعوت اسلامي ۾ ان جو شرعي حيلو ڪيو ويندو آهي پوءِ ان کي مختلف نيڪ ۽ جائز ڪمن ۾ خرچ ڪيو ويندو آهي. صدقات واجبہ جي علاوه قرباني جون کلون يا جيڪو عام چندو ڏنو ويندو آهي، اهو نفلي صدقو چورائيندو آهي، ان جو شرعي حيلو ڪرڻ جي حاجت ناهي هوندي، تنهنڪري اهڙو چندو گڏوگڏ قرباني جي کل ونڻ وقت محتاط الفاظ هي آهن: "توهان اجازت ڏئي ڇڏيو تہ توهان جو چندو يا قرباني واري کل دعوت اسلامي جتي مناسب سمجهي اتي نيڪ ۽ جائز ڪم ۾ خرچ ڪري" اهي الفاظ ٻڌي، ڏيڻ وارو "ها" چوي يا ڪنهن بہ طرح سان توهان جي ڳالهہ سان متفق ٿي وڃي تہ هاڻي ان کي هر طرح جي نيڪ ۽ جائز ڪم ۾ استعمال ڪرڻ جي اجازت شرعًا ملي وئي ۽ ائين ڪافي آساني ٿي ويندي. (ياد رهي چندو يا کل جي مالڪ جي اجازت درست مڃي ويندي اتي موجود ڪنهن ٻي شخص يا ٻار جو مٿو هلائڻ ڪافي نہ آهي بلڪ وڪيل يا نمائندي جو پنهنجي مرضي سان ڏنل اجازت بہ (ڪيئي صورتن ۾) ناڪافي ٿيندي، ان کي گهرجي پنهنجي مؤڪل (يعني جنهن ان کي وڪيل يعني نمائندو ڪيو آهي ان) کان صراحةً يعني واضح لفظن ۾ ان

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعليٰ)

جي اجازت وٺي يا فون تي هڪدم ڳالهه ڪري يا ڪرائي) بهتر اهو آهي تہ ذڪر ڪيل محتاط لفظن وارو جملو رسيد تي لکيو وڃي ۽ جيڪو چندو يا ڪل ڏي ان کي پڙهايو وڃي يا پڙهي ٻڌايو وڃي. صرف رسيد ڏئي دل کي نہ مڃايو تہ اسان اجازت وٺي ورتي آهي ڇوتہ هتي معاملو مجهول آهي اهو اُردو پڙهڻ نٿو ڄاڻي يا اها عبارت نہ پڙهي، يا پڙهي سمجهي نہ سگهي، يا رسيد گم ٿي وڃي يا پڙهي اتفاق نہ ڪري ڪا بہ صورت ٿي سگهي ٿي، ۽ وڪيل (نمائندي) جي اجازت کي ڪافي تصور نہ ڪيو وڃي بلڪ ڪنهن طرح اصل مالڪ کان فون تي رابطو ڪيو وڃي يا ان سان ملي مذڪوره الفاظن ۾ ڪلي اختيارات جي واضح طور ترڪيب ڪئي وڃي.

## حِيلي جا شرعي دليل

**سوال:** حيلي جا شرعي دليل بيان ڪريو؟

**جواب:** شَرعِي حِيلي جو جواز قرآن، حديث ۽ فِقهِ حنفي جي مُعتَبر ڪتابن ۾ موجود آهي. حضرت سيّدنا ايوب عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي بيماري جي زماني ۾ سندن گهرواريءَ هڪ دفعي خدمت سراپاءِ عظمت ۾ دير سان حاضر ٿي تہ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام قسم کنيو تہ مان تندرست ٿي سؤ دُرا (يعني ڦٽڪا) هڻندس، تندرست ٿيڻ تي **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ کين ٻُهاري جا سؤ تيلا هڻڻ جو حڪم فرمايو. (نور العرفان ص 728) جيئن **اللّٰه** تبارڪ و تعاليٰ سيپاري 23 جي سوره ص جي آيت 44 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ خُذْ بِيَدِكَ ضِغْثًا فَاضْرِبْ بِّهٖ وَلَا تَحْنَثْ ط (پ 23، ص 44)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ اسان فرمايو تہ تون پنهنجي هٿ ۾ هڪ ٻُهارو ڪٽي ان سان مار ڏيئي ڇڏ ۽ قسم نہ ٽوڙ.

”عالمگيري“ ۾ حِيلن جو هڪ مستقل باب آهي، جنهن جو نالو ”ڪتاب الحِيَل“ آهي. عالمگيري ”ڪتابُ الحِيَل“ ۾ آهي جيڪو حِيلو ڪنهن جو حق ڦٻائڻ يا ان ۾ شڪ پيدا ڪرڻ يا ڪوڙ سان فريب ڏيڻ لاءِ ڪيو وڃي تہ اهو مڪروهہ آهي ۽ جيڪو حيلو ان لاءِ ڪيو وڃي جيئن ماڻهو حرام کان بچي وڃي يا حلال کي حاصل ڪري وٺي اهو صحيح آهي، ان قسم جي حيلن جي جائز هجڻ بابت **الله** عَزَّوَجَلَّ جو هي فرمان دليل آهي:

وَ خُذْ بِيَدِكَ ضِغْثًا فَاضْرِبْ بِّهٖ وَلَا تَحْنَثْ ط (پ 23، ص 44)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ اسان فرمايو تہ تون پنهنجي هٿ ۾ هڪ ٻُهارو ڪٺي ان سان مار ڏيئي ڇڏ ۽ قسم نہ ٽوڙ.

(فتاويٰ عالمگيري ج 6 ص 390)

## ڪن ٽوپڻ جو رواج ڪڏهن کان پيو؟

حيلي جي جائز هجڻ تي هڪ ٻيو دليل ملاحظہ فرمايو جيئن حضرت سيدنا عبدالله ابن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان روايت آهي تہ هڪ ڀيري حضرت سَيِّدَتُنَا ساره ۽ حضرت سيدتنا هاجره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا ۾ ڪا اٽڪت ٿي پئي، حضرت سيدتنا ساره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا قسم ڪنيو تہ جيڪڏهن مون کي موقعو مليو تہ مان هاجره (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا) جو ڪو عُضوو ڪٽينديس، **الله** عَزَّوَجَلَّ حضرت سيّدنا جبريل عَلَیْہِ السَّلَام کي حضرت سيّدنا ابرهيم خليلُ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي خدمت اَقدس ۾ موڪليو تہ انهن جي وچ ۾ ناهہ ڪرائي ڇڏيو، حضرت سَيِّدَتُنَا ساره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا عرض ڪيو: ”مَا حِيلَةُ يَمِيْنِي“ يعني منهنجي قسم جو ڇا حيلو ٿيندو؟ حضرت سيدنا ابراهيم خليل الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام تي وحي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنھن مون تي ڏھ ڀيرا صبح ۽ ڏھ ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙھيو قيامت جي ڏينھن ان کي منھنجي شفاعت ملندي . (مجمع الزوائد)

نازل ٿي تہ (حضرت) ساره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کي حڪم ڏني تہ ھوءَ (حضرت) ھاجره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جا ڪن ٽوپي، ان وقت کان عورتن جا ڪن ٽوپڻ جو رواج پيو. (غمز عيون البصائر للحموي ج 3 ص 295)

## ٻڪرين جي گوشت جو تحفو

اُمُّ المُؤمِنِين حضرت سَيِّدَتُنا عائِشہ صِدِيقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کان روايت آھي تہ ٻنھي جھانن جي سلطان، سرورِ ذيشان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ ٻڪرين جو گوشت حاضر ڪيو ويو، ڪنھن عرض ڪيو: ھي گوشت حضرت سَيِّدَتُنا بَرِيره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کي صدقو مليو ھو، فرمايائون: "هُوَ لَهَا صَدَقَةٌ وَلَنَا هَدِيَّةٌ" يعني ھي بَرِيره جي لاءِ صدقو ھيو اسان جي لاءِ تحفو آھي. (صحيح مسلم ص 541 حديث 1075)

## زڪوٰة جو شرعي حِيلو

ھن حديث پاڪ مان صاف ظاھر آھي تہ حضرت سيّدتنا بَرِيره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جيڪي صدقي جون حقدار ھيون انھن کي صدقي طور مليل ٻڪرين جو گوشت جيتوڻيڪ سندن جي حق ۾ صدقو ئي ھو پر قبضي ڪرڻ کان پوءِ جڏھن بارگاھِ رِسالت ۾ پيش ڪيو ويو تہ ان جو حڪم بدلجي ويو ۽ پوءِ اھو صدقو نہ رھيو. ائين ئي ڪو مستحق شخص زڪوٰة پنھنجي ھٿ ۾ ڪرڻ کان بعد ڪنھن بہ ماڻھو کي تحفي ۾ ڏئي سگھي ٿو يا مسجد وغيره جي لاءِ پيش ڪري سگھي ٿو، انھيءَ مستحق شخص جو پيش ڪرڻ ھاڻي زڪوٰة نہ آھي، ھديو يا عطيو ٿي ويو. فُقھاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام زڪوٰة جو شرعي حيلو ڪرڻ جو طريقو ھيئن ارشاد فرمائن ٿا: "زڪوٰة جا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

پيسا مُردي جي ڪفن دَفن يا مسجد جي تعمِير ۾ نہ تہ لڳائي سگهجن ٿا ڇو تہ (شرعي) فقِير جي تَملِيڪ (يعني فقير کي پيسن جو مالڪ بڻائڻ واري صورت) موجود ناهي، جيڪڏهن هنن ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ چاهيو تہ ان جو طريقو هي آهي تہ فقير کي (زڪوٰة جي پيسن جو) مالڪ بڻائي ڇڏيو ۽ اهو (مسجد جي تعمير وغيره ۾) لڳائي اهڙي طرح ٻنهي کي ثواب ملندو. (بهارشريعت ج 1 ص 890)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو! ڪفن دفن بلڪ مسجد جي تعمير ۾ بہ شَرعِي حيلي جي ذريعي زڪوٰة استعمال ڪري سگهجي ٿي، ڇو تہ زڪوٰة تہ فقير جي حق ۾ هئي جڏهن فقير قبضو ڪيو تہ هاڻي هو مالڪ ٿي چڪو آهي جيڪو چاهي ڪري. شرعي حيلي جي برڪت سان ڏيڻ واري جي زڪوٰة بہ ادا ٿي وئي ۽ فقير بہ مسجد ۾ ڏئي ثواب جو حقدار ٿي ويو. شرعي فقير کي حيلي جو مسئلو سمجهائي ڇڏجي.

## فقير ڪنهن کي چوندا آهن

سوال: زڪوٰة ۽ فطرو فقير کي ڏيڻو پوندو آهي تہ فقير جي وصف بہ بيان ڪريو؟

جواب: فقير اهو آهي ۞ جنهن وٽ ڪجهہ هجي، پر ايترو نہ هجي جو نصاب تائين پهچي ۞ يا نصاب جيترو تہ آهي پر ان جي حاجتِ اَصليہ (يعني زندگي جي ضرورتن) ۾ گهيريل آهي مثال طور رهائش واري جڳهہ، گهريلو سامان، سواري جا جانور (يا سائيڪل، اسڪوٽر يا ڪار) ڪاريگرن جا اوزار، پائڻ جا ڪپڙا، خدمت لاءِ ٻانهي ۽ غلام،

علمي شغل رکڻ واري لاءِ اسلامي ڪتاب جيڪي ان جي ضرورت کان وڌيڪ نہ هجن ۞ اهڙي طرح جيڪڏهن قرضي آهي ۽ قرض ڏيڻ کان بعد نصاب باقي نہ بچي تہ فقير آهي جيتوڻيڪ ان وٽ هڪ نہ بلڪ ڪيترائي نصاب هجن. (ردالمحتار ج 3 ص 333، بهار شريعت ج 1 ص 924)

## مسڪين ڪنهن کي چوندا آهن

**سوال:** مسڪين جي وصف بيان ڪريو؟

**جواب:** مسڪين اهو آهي جنهن وٽ ڪجھ نہ هجي، ايستائين جو کائڻ ۽ جسم ڍڪڻ لاءِ ان جو محتاج آهي جو ماڻهن کان سوال ڪري ۽ ان کي سوال ڪرڻ جائز آهي. فقير (يعني جنهن وٽ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏينهن جو کائڻ ۽ پائڻ لاءِ موجود آهي ان) کي **بنا ضرورت ۽ مجبوري جي سوال ڪرڻ حرام آهي.** (فتاويٰ عالمگيري ج 1 ص 187، 188، بهارشريعت ج 1 ص 924)

## حيلي ڪرڻ جو آسان طريقو

**سوال:** زڪوٰة ۽ فطري جي حيلي جو سولو طريقو بيان ڪريو؟

**جواب:** ڪنهن شرعي فقير کي يا سندس وڪيل کي زڪوٰة جي مال جو مالڪ بڻايو مثال طور پئسن جي دستي هي چئي ڪري ڏني تہ اها اوهان جي مِلڪ آهي، ان کي هٿ ۾ وني يا ڪنهن طرح سان ان تي قبضو ڪيو تہ هاڻي اهو ان جو مالڪ ٿي ويو ۽ اهو ڪنهن بہ ڪم (مسجد جي تعمير وغيره) ۾ استعمال ڪري، ائين زڪوٰة ادا ٿيڻ سان گڏوگڏ ٻئي ثواب جا بہ حقدار ٿيندا. ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ

## فقير جي وڪيل مان ڇا مراد آهي

**سوال:** توهان چيو تہ "شرعي فقير يا سندس وڪيل" هتي وڪيل

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهہ معاف ٿيندا. (كنزالعمال)

مان ڇا مراد آهي؟

**جواب:** ان مان مراد اهو شخص آهي جنهن کي شرعي فقير پنهنجي زڪوٰة وصول ڪرڻ جي اجازت ڏني هجي يا ان خود ان کان اجازت ورتي هجي.

## ڇا وڪيل زڪوٰة تي قبضو ڪرڻ کان پوءِ خرچ ڪري سگهي ٿو؟

**سوال:** ڇا وڪيل ٻہ زڪوٰة جي مال تي قبضو ڪرڻ بعد ڪنهن ٻہ ڪم ۾ استعمال ڪرڻ جو اختيار رکي ٿو؟

**جواب:** نہ، البت جيڪڏهن ان کي فقير اجازت ڏني هجي يا ان خود اجازت ورتي هجي تہ ڪري سگهي ٿو.

## وڪيل جو قبضو مؤڪل جو قبضو چئبو

**سوال:** شرعي فقير وڪيل کي پنهنجي زڪوٰة ڪنهن ٻہ ڪم ۾ استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏني هئي يا خود ئي ورتي هئي تہ ڇا ان صورت ۾ ٻہ شرعي فقير کي زڪوٰة جي مال تي قبضو ڪرڻ ضروري هوندو؟

**جواب:** جي نہ! ڇو تہ وڪيل جو قبضو ڪرڻ موڪّلِ (يعني وڪيل ڪرڻ واري) جو ئي قبضو ڪرڻ چورائيندو.

## حيلو ڪرڻ وقت چوڻ ”رکي نہ ڇڏجو“ تہ؟

**سوال:** ڇا حيلو ڪرڻ وقت شرعي فقير کي ھي چئي سگهجي ٿو تہ واپس ڏئي ڇڏجان رکي نہ ڇڏجان وغيره؟

**جواب:** نہ چوي، بالفرض ائين چئي ٻہ ڇڏيو تڏهن ٻہ زڪوٰة جي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

ادائيگي ۽ حيلي ۾ ڪو فرق نہ پوندو ڇوتہ صدقات، زڪوٰة ۽ تحفو ڏيڻ ۾ ان قسم جا شرطيہ الفاظ فاسد آهن. اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاويٰ شامي (ڪتاب الزڪوٰة، باب المصرف ج 3 ص 344) جي حوالي سان فرمائن ٿا: هِبہ (يعني تحفو) ۽ صدقو فاسد شرط سان فاسد ناهن ٿيندا.

(فتاويٰ رضويہ ج 10 ص 108)

## ڇا چيڪ جي ذريعي حيلو ٿي سگهي ٿو

**سوال:** ڇا چيڪ جي ذريعي زڪوٰة جو حيلو ٿي سگهي ٿو؟

**جواب:** جي نہ، جيئن تہ چيڪ جي ذريعي زڪوٰة ادا ناهي ٿيندي، ان ڪري زڪوٰة جو حيلو بہ نٿو ٿي سگهي.

## تمام وڏي رقم جو حيلو ڪيئن ٿيندو؟

**سوال:** بينڪ مان وڏي رقم ڪڍرائڻ ۽ وري شرعي فقير جي هٿ ۾ ڏيڻ پوءِ ان کان وٺي ٻيهر بينڪ ۾ جمع ڪرائڻ ۾ حرج ٿيندو آهي ڪو آسان حل ٻڌايو؟

**جواب:** شرعي فقير پنهنجي نالي سان بينڪ ۾ ايتري رقم جو اڪائونٽ کولائي جو اهو شرعي فقير ئي رهي پوءِ جيتري رقم زڪوٰة جي مد ۾ ان کي ڏيڻي آهي ان کي ٻڌائي ان جي اڪائونٽ ۾ جمع ڪرائي وڃي. جڏهن اها رقم ان جي اڪائونٽ ۾ جمع ٿي وئي تہ زڪوٰة ادا ٿي وئي هاڻي هو ڪنهن بہ نيڪ يا جائز ڪم ۾ صرف ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن کي اختيار ڏئي ڇڏي، ان جو تفصيل پهريان بيان ٿي چڪو آهي. ياد رهي صرف اهو ئي اڪائونٽ کولائڻ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

جائز آهي جنهن تي وياج نہ ٿئي مثال طور ڪرنٽ اڪائونٽ تي وياج ناهي ملندو جڏهن تہ سيونگ تي وياج ملندو آهي.

## حيلي جي رقم ديني ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ ڪيئن؟

**سوال:** زڪوٰة، فطري جو حيلو ڪري ان رقم ڪي تبليغ دين جي ڪمن مثال طور مدرسن سنّتن ڀري اجتماع ۽ ديني ڪتابن جي اشاعت ۽ ورهائڻ وغيره ۾ استعمال ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** جائز آهي.

## ڇا حيلي جي رقم سان تحفو يا نذرانو ڏئي سگهجي ٿو؟

**سوال:** ڪي ماڻهو زڪوٰة جي رقم جو حيلو ڪري پاڻ وٽ محفوظ رکندا آهن پوءِ ان رقم سان بنا ڪنهن فرق جي امير و غريب هر هڪ کي تحفو وغيره ڏيندا آهن، بلڪ ان حيلي ٿيل رقم سان عالمن ۽ مشائخن کي نذرانو بہ پيش ڪندا آهن! ڇا ان طرح زڪوٰة ادا ٿي ويندي آهي؟

**جواب:** زڪوٰة ادا ٿي ويندي آهي پر ان طرح ورهائڻ ۽ خاص ڪري عالمن ۽ مشائخن کي حيلو ٿيل رقم نذارني طور ڏيڻ ڪنهن طرح مناسب ناهي، فتاويٰ فقيہ ملت جلد پهريون صفحو 308 تي حضرت فقيہ ملت مفتي جلال الدين امجدي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي جي تصديق ٿيل فتوي جو اقتباس ملاحظہ ڪيو: زڪوٰة ۽ صدقہ فطر جا اصل مستحق غريب ۽ مسڪين آهن، **الله** تعاليٰ جو ارشاد آهي:

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

اِنَّمَا الصَّدَقٰتُ لِلْفُقَرَآءِ وَ الْمَسٰكِيْنِ (پ 10 توبہ 60)

**ترجموڪنزالايمان:** زڪوٰة تہ فقط انهن ماڻهن جي واسطي آهي جيڪي محتاج ۽ محض نادار آهن

پر اهي اسلامي مدرسا جن ۾ خالص اسلامي تعليم ڏيندي آهي دين جي بقا لاءِ انهن ۾ ضرورتًا حيلي جي رقم صرف ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي آهي پر هاڻي ماڻهو دنياوي اسڪول ۽ ڪاليج جن ۾ نالي جي ديني تعليم ڏيندي آهي زڪوٰة ۽ صدقاتِ واجبہ جي رقم شرعي حيلي سان خرچ ڪري غريبن مسڪينن جي حق تلفي ڪندا آهن جيڪا سراسر غلط آهي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: يعني وڏن وڏن سرمائيدارن کي گهرجي تہ نعمت جو شڪر ادا ڪن، هزارين روپين جي فضول خواهشن يا دنيوي آسائشن يا ظاهري آرائشن تي اجايو خرچ ڪرڻ وارا مصارف خير (يعني ڀلائي جي ڪمن) ۾ حيلن جي آڙ نہ وٺن، متوسط الحال (يعني وچولي درجي وارا مالدار) بہ اهڙين ضرورتن جي غرض سان خالص خدا جي ئي ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ تي اڳيرا ٿين، نہ اهو جو معاذالله ان جي ذريعي زڪوٰة جي ادائيگي جو نالو ڏئي پئسا پنهنجي خرد برد ۾ آڻن تہ اهو ڪم شرعي مقصد جي بلڪل خلاف ۽ ان ۾ زڪوٰة واجب ڪرڻ جي حڪمتن کي بلڪل اِبطال (يعني سراسر باطل ڪرڻ) آهي جڻ ان جو استعمال پنهنجي ربّ کي ڌوڪو ڏيڻ آهي ربّ العٰلمين کان پناهہ گهرون ٿا.

وَ اللّٰهُ يَعْلَمُ الْمُفْسِدَ مِنَ الْمُصْلِحِ ؕ (پ 2 البقره 220)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ الله بگاڙيندڙ کي سڌاريندڙ کان وڌيڪ سڃاڻي ٿو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي.** (حاڪم)

الله تعالي کان دعا آهي تہ اسان جي عملن جي اصلاح فرمائي ۽ اسان جون اميدون پوريون فرمائي. (فتاويٰ رضويہ ج 10 ص 109)

## سيد سڳوري کي زڪوٰة جي حيلي جي رقم ڏيڻ ڪيئن؟

**سوال:** جيڪڏهن سيد غريب هجي تہ زڪوٰة جي حيلي جي رقم ان کي ڏئي سگهون ٿا يا نہ؟

**جواب:** ڏئي سگهو ٿا پر افضل اهو آهي تہ بغير حيلي جي خاص پنهنجي طرفان رقم پيش ڪئي وڃي. افسوس صد ڪروڙ افسوس! پنهنجي اولاد کي تہ اسان دنيا جي هر آسائش ڏيڻ جي لاءِ تيار آهيون ۽ نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اولاد يعني سيد سڳورن جي خدمت لاءِ هڪ ٽڪو بہ خاص کيسي مان ڪڍڻ کان ڪيٻايون. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، **امام اهلسنّت مولانا شاه امام احمد رضا خان** عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: رهيو ان نفسا نفسي واري دؤر ۾ سيدن سڳورن جي اِمداد ۽ غمخواري ڪيئن ٿيندي، اَقُول (يعني مان چوان ٿو) وڏا مالدار جيڪڏهن پنهنجي خالص مال مان هديي طور ان سڳورن جي خدمت نہ ڪن تہ اها مالدارن جي پنهنجي بي سعادتي آهي اهو وقت ياد ڪن جڏهن ان (سيدن سڳورن) جي جد اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سوا ظاهري اڪين کي بہ ڪو ماوا ۽ مَلجا (يعني پناه جو ٺڪاڻو) نہ ملندو، ڇا نٿو پسند اچي تہ اهو مال جيڪو انهن جي صدقي، انهن جي طرفان عطا ٿيو، جنهن کي عنقريب ڇڏي پوءِ پڇريان جيان ئي خالي هٿ زمين هيٺ (يعني قبر ۾) وڃڻ وارا آهيو، ان جي خوشنودي جي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

لاءِ ان جي پاڪ مبارڪن پٽن (يعني سيدن) تي ان جو هڪ حصو خرچ ڪيو تہ ان سخت حاجت جي ڏينهن (يعني قيامت جي ڏينهن) ان جواد ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وڏن انعامن جي عظيم اڪرامن سان فيضياب ٿين.

## سيد سان ڀلائي ڪرڻ جو عظيم صلو

ابن عساڪر اميرالمؤمنين موليٰ علي كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم کان روايت ڪئي آهي رسول **الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: جيڪو منهنجي اهلبيت مان ڪنهن سان سٺو سلوڪ ڪندو مان قيامت جي ڏينهن ان جو صلو ان کي عطا فرمائيندس. (ابن عساکر ج 45 ص 303)
اميرالمؤمنين عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي رسول **الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: جيڪو شخص عبدالمطلب جي اولاد سان دنيا ۾ نيڪي ڪري، ان جو صلو ڏيڻ مون تي لازم آهي جڏهن اهو قيامت جي ڏينهن مون سان ملندو. (تاريخ بغداد ج 1 ص 102)

## سيد سان ڀلائي ڪرڻ واري کي قيامت ۾ آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ٿيندي

**الله** اڪبر! **الله** اڪبر! قيامت جي ڏينهن اهو قيامت جو ڏينهن اهو سخت ضرورت، سخت حاجت جو ڏينهن ۽ اسان جهڙن محتاجن کي صلو عطا فرمائڻ لاءِ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جهڙو سخي، **الله** ڄاڻي تو ڇا ڪجهہ عطا ڪندو ۽ ڪيترو خوش ڪندو، سندن هڪ نگاهِ فيض ڀنهي جهانن جي سيني مشڪلات جي حل لاءِ ڪافي آهي بلڪ اهو بدلو ڪروڙين بدلن کان اعليٰ ۽ مٿانهون آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

جنهن ڏانهن اهو جملو اِذَا لَقِيۡنِیۡ (جڏهن اهو قيامت جي ڏينهن مون سان ملندو) اشارو فرمائي ٿو بَلَفۡظِ اِذا فرمائڻ بِحَمۡدِ اللّٰه، قيامت جي ڏينهن ملاقات ۽ ديدار محبوب ذوالجلال صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خوشخبري ڏي ٿو (جڻ تہ سيّدن سان ڀلائي ڪرڻ واري کي قيامت جي ڏينهن تاجدار رسالت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت ۽ ملاقات جي بشارت آهي) مسلمانو! ٻيو ڇا کپي؟ جلدي ڪري ان دولت ۽ سعادت کي حاصل ڪيو. (وباالله التوفيق)

## گهٽ مالدار جي لاءِ سيد جي خدمت جو طريقو

متوسط حال وارا (يعني جيڪي وڏيڪ مالدار نہ هجن) جيڪڏهن مستحب مصارف جي وسعت نٿا رکن تہ الله جي فضل سان اها تدبير ممڪن آهي جو زڪوٰة جي زڪوٰة ادا ٿئي ۽ سيدن جي خدمت بہ ٿي وڃي يعني ڪنهن مسلمان مصرف زڪوٰة قابل اعتماد شرعي فقير کي جيڪو ان ڳالھ کان نہ ڦري، مال زڪوٰة مان ڪجھ پئسا زڪوٰة جي نيت سان ڏئي مالڪ ڪري، پوءِ ان کي چئي: ”توهان پنهنجي طرفان فلاڻي سيد جي نذر ڪريو“ ان ۾ ٻئي مطلب پورا ٿي ويندا تہ زڪوٰة تہ ان فقير کي ملي ۽ جيڪو سيد کي مليو اهو نذرانو هو، ان جو فرض ادا ٿي ويو ۽ سيد جي خدمت جو ڪامل ثواب ان کي ۽ فقير کي ٻنهي کي مليو. (فتاويٰ رضويہ ج 10 ص 105 کان 106)

## حيلي کان پوءِ رقم واپس ڪرڻ وقت جا محتاط لفظ

**سوال:** چندو ڏيندي يا حيلي ۾ رقم موٽائي ڏيڻ وقت ديني يا سماجي ڪم جي لاءِ ڪلي اختيارات ڏيڻ جا محتاط لفظ ٻڌايو؟

**جواب:** (زڪوٰة، فطرا وغيره صدقات واجبہ کان علاوه) نفلي چندو ڏيڻ وقت يا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

حيلي ۾ رقم موٽائي ڏيڻ وقت ڏيڻ وارو هي چوي: "هيءَ رقم دعوت اسلامي (يا هي ادارو) جتي مناسب سمجهي، اتي نيڪ ۽ جائز ڪم ۾ خرچ ڪري."

## زڪوٰة جي وڪيل جي لاءِ محتاط لفظ

**سوال:** شرعي فقير، پنهنجي وڪيل کي زڪوٰة فطرو وٺي دعوت اسلامي جي مدني ڪمن ۾ صرف ڪرڻ جا ڪلي اختيارات ڪهڙي طرح ڏئي؟

**جواب:** وڪيل کي چوڻ جا محتاط لفظ اهي آهن: اوهان منهنجي لاءِ جيڪو به زڪوٰة فطرو وصول ڪريو، ان کي دعوت اسلامي (يا فلان ماڻهو يا اداري) کي هي چئي ڪري ڏيو ته اها رقم دعوت اسلامي (يا فلان ماڻهو يا ادارو) جتي مناسب سمجهي، نيڪ ۽ جائز ڪم ۾ خرچ ڪري.

## ڪافرن جي مدد ڪرڻ ڪيئن؟

**سوال:** ڇا چنديءَ ۾ ان طرح جا ڪلي اختيارات وٺڻ سان هاڻي سماجي اداري واري ڪنهن ڪافر يا مُرتد کي دوا فراهم ڪري سگهن ٿا يا ان جي مالي امداد به ڪري سگهن ٿا؟

جواب: نٿا ڪري سگهن، ڇوته "نيڪ ۽ جائز ڪم" جي اجازت ورتي آهي ڪافر ۽ مرتد جي مالي امداد يا ان جي دوا تي رقم خرچ ڪرڻ "نيڪ ۽ جائز ڪم" ناهي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: غير مسلم کي وقف مال مان ڏيڻ ته ڪنهن به طرح سان جائز ناهي ڇوته

فرمانِ مصطفیٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

وقف نيڪ ڪم لاءِ هوندو آهي غير مسلم کي ڪجهہ ڏيڻ ثواب **ناهي،** كَمَا فِي الْبَحْرِ الرَّائِق وغيره (يعني جيئن البحر الرائق وغيره ۾ آهي) (فتاويٰ رضويہ ج 16 ص 226)

## سماجي اداري جي اسپتال ۾ زڪوٰة استعمال ڪرڻ ڪيئن؟

**سوال:** سماجي اداري جي اسپتال ۾ زڪوٰة استعمال ڪري سگهجي ٿي يا نہ؟

**جواب:** ان ۾ زڪوٰة جي صحيح استعمال ۾ دشواريون آهن مثال طور جيڪڏهن اداري وارن زڪوٰة جي رقم وصول ڪئي تہ تمليڪ (يعني حقدار کي ان رقم جو مالڪ بڻائڻو پوندو، ان) کان پهريان دوائون وغيره نٿا خريد ڪري سگهن، البت ڪنهن رقم آڻي ڏني تہ ان سان دوائون خريد ڪري زڪوٰة جي طور مستحق مريضن کي ڏيڻ تہ اهو پهريان دوائون خريد ڪرڻ جو وڪيل بڻائڻ ۽ ان کان پوءِ زڪوٰة جي ادائگي جو وڪيل بڻائڻ ٿيو. پر دوائن جي صورت ۾ زڪوٰة جي رقم رهڻ ۽ ادائگي ۾ تاخير ٿيڻ جو انديشو آهي ۽ زڪوٰة جي رقم کان بين ڊاڪٽرن ۽ ٻي عملي کي پگهار، جڳهن جو ڪرايو ۽ بجلي جو بل وغيره نٿا ڏئي سگهو.

## فلاحي ادارن جي لاءِ زڪوٰة جي استعمال جو طريقو

**سوال:** سماجي ادارن جي اسپتالن ۾ ۽ ٻين فلاحي ڪمن ۾ زڪوٰة، فطرو استعمال ڪرڻ جو مناسب طريقو ڇا آهي؟

**جواب:** تعميرات، پگهارن ۽ ڪراين وغيره ۾ زڪوٰة فطرو ۽ واجب

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعلیٰ)

صدقا استعمال نٿا ڪري سگهجن. ان ۾ حقدار کي مالڪ بڻائڻ شرط آهي، ايستائين جو ڪنهن مستحق مريض جو علاج به ڪرڻو هجي ته زڪوٰة جي دوا ان جي قبضي ۾ ڏيڻي پوندي، جيڪڏهن ان کي مالڪ بنائڻ بغير زڪوٰة جي پيسي مان انجيڪشن لڳايو يا آپريشن يا ڊاڪٽر جي فيس ادا ڪئي ته زڪوٰة ادا نه ٿيندي. ان ڪري فطرو، زڪوٰة ۽ صدقاتِ واجبه جو شرعي حيلو ڪيو وڃي، هاڻي ان رقم سان سيّد، امير، غريب ۽ فقير هر هڪ جو علاج ڪرڻ جائز آهي، بهتر اهو آهي ته قرباني جون کلون ۽ ٻين نفلي صدقن ڏيڻ وارن ۽ جنهن بنا شرعي حيلي جي زڪوٰة وغيره جو حيلو ڪيو آهي اهو جڏهن رقم وغيره موٽائي ڏئي ته ان کان هر نيڪ ۽ جائز ڪم ۾ خرچ ڪرڻ جا ڪلي اختيارات ورتا وڃن. هر رسيد تي اها عبارت لکي ڇڏيو ”توهان اجازت ڏئي ڇڏيو ته توهان جو چندو يا کل جو ادارو جتي مناسب سمجهي اتي نيڪ ۽ جائز ڪم ۾ خرچ ڪري“ ڏسو! صرف لکي ڏيڻ ڪافي ناهي چندو يا کل ڏيندي وقت هڪ هڪ کي اها عبارت پڙهائي يا پڙهي ٻڌائي ۽ ان کل يا چندي جي اصل مالڪ کان منظوري وٺڻ ضروري آهي. هڪ مسئلو اهو به ذهن ۾ رکو ته ان جي باوجود ڪافر ۽ مرتد جي علاج تي اها رقم خرچ ڪرڻ ناجائز ئي رهندو.

## غير مسلم کي مالِ وقف مان ڏيڻ جائز ناهي

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاويٰ رضويه ج 16 صفحي 226 تي غير مسلم

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڑهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

ڪي مال وقف مان ڪيرڻي موڪلڻ جي باري ۾ سوال جي جواب ۾ ارشاد فرمائن ٿا: غير مسلم ڪي مال وقف مان (ڪيرڻي) موڪلڻ ته ڪنهن طرح جائز ناهي ڇوته وقف نيڪ ڪم جي لاءِ هوندو آهي ۽ غير مسلم ڪي ڏيڻ ثواب جو ڪم ناهي. كَمَا فِي الْبَحْرِ الرَّائِق وغيره (يعني جيئن بحرالرائق وغيره ۾ آهي) حضرت سيدنا جابر بن عبدالله رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڪان روايت آهي ته سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪڏهن اهي بيمار ٿي وڃن ته پڇڻ نه وڃو، مري وڃن ته جنازي ۾ نه وڃو. (سنن ابن ماجه ج 1 ص 70 حديث 92)

## چندو ڪاروبار ۾ لڳائڻ ڪيئن؟

**سوال:** مسجد يا ڪنهن مذهبي يا سماجي اداري جو چندو وڏيڪ مقدار ۾ جمع ٿي ويو ته ڇا ان ڪي ڪاروبار ۾ لڳائي سگهون ٿا؟

**جواب:** چاهي ڪيترو به نفعي وارو ڪاروبار هجي نٿا لڳائي سگهو، چاهي ان جي آمدني انهي اداري ۾ استعمال ڪرڻ جي نيت هجي، ها جيڪڏهن چندو ڏيڻ واري صراحةً (يعني صاف لفظن ۾) اجازت ڏني ته صرف ان جي رقم جائز ڪاروبار ۾ لڳائي سگهو ٿا ان باري ۾ ”فتاويٰ رضويه“ جو هڪ اِقتِباس ملاحظه فرمايو: منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان قسم جي هڪ سوال جي جواب ۾ ارشاد فرمائن ٿا: چندي جا پئسا چندو ڏيڻ واري جي ملڪيت ۾ ئي هوندا آهن، انهن ڪان اجازت وني جيڪو جائز معاملو هجي ان تي عمل ڪيو وڃي. (فتاويٰ رضويه ج 16 ص 410)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

# چنديءَ جي رقم سان اجتماعي قرباني جي لاءِ ٻڪرين خريد ڪرڻ

**سوال:** مذهبي يا فلاحي اداري جي چنديءَ جي رقم مان اجتماعي قرباني واسطي وڪڻڻ لاءِ ٻڪرين خريد ڪري سگهجن ٿيون يا نه؟

**جواب:** چنديءَ جي رقم ڪاروبار ۾ لڳائڻ جائز ناهي، ان جي لاءِ چندي واري کان صراحةً يعني صاف لفظن ۾ اجازت وٺڻ ضروري آهي.

# قرباني جون کلون اسڪول جي تعليم لاءِ ڏيڻ

**سوال:** ڇا قرباني جون کلون اسڪول جي عام رواجي تعليم لاءِ ڏئي سگهجن ٿيون؟

**جواب:** منهنجي آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جن جي خدمت ۾ اهڙي قسم جو سوال ڪيو ويو: "سڪندره راؤ" ڳوٺ ۾ مدرسه اسلاميه آهي، ان ۾ قرآن شريف، اردو، انگريزي پڙهائي ويندي آهي، ان جي امداد لاءِ قرباني جون کلون ڏيڻ ثواب جو باعث آهي يا نه؟ الجواب: "قرباني جي مصرف ۾ ٽي ڳالهيون حديث پاڪ ۾ ارشاد ٿيون آهن: (1) کائو ۽ (2) ذخيرو ڪريو ۽ (3) ثواب جو ڪم ڪريو. (سنن ابي داوٗد ج 3 ص 132 حديث 2813) بيشڪ انگريزي پڙهڻ ڪو ثواب جو ڪم ناهي. جيڪڏهن اها احتياط ٿي سگهي ته انهن جو پئسو صرف قرآن مجيد ۽ ديني علم جي تعليم ۾ خرچ ڪيون وڃن ته ڏئي سگهو ٿا نه ته نه." وَاللّٰهُ تَعَالٰى اَعْلَم (فتاويٰ رضويه ج 20 ص 506)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.** (طبراني)

# غريبن ڪي کلون وٺڻ ڏيو

**سوال:** جيڪڏهن ڪو شخص هر سال غريبن ڪي کل ڏيندو هجي ان تي انفرادي ڪوشش ڪري پنهنجي مدرسي يا ديني ڪمن جي لاءِ کل وٺڻ ۽ غريبن ڪي محروم ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** جيڪڏهن واقعي ڪو اهڙو غريب ۽ مستحق ماڻهو آهي جنهن جو گذارو انهي کل يا زڪواة ۽ فطري تي موقوف آهي تہ هاڻي ان ڪي ملڻ واري ان عطيات ڪي پنهنجي اداري جي لاءِ ترڪيب ڪري ان غريب ڪي محروم ڪرڻ جي هرگز اجازت ناهي، ۽ جيڪڏهن ان غريبن جو گذارو کل وغيره تي موقوف نہ هجي تہ کل جو مالڪ جنهن مصرف ۾ چاهي ڏئي سگهي ٿو مثال طور ديني مدرسي ڪي ڏئي ڇڏي، **منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن **فرمائن ٿا: جيڪڏهن ڪجھ ماڻهو پنهنجون کلون حاجتمندن يتيمن، بيواهن، مسڪينن ڪي ڏيڻ چاهين ۽ ان جي حاجت پوري ڪرڻ جي صورت اها ئي هجي، ان ڪي ڪو واعظ** (يعني وعظ چوڻ وارو) **يا مدرسي وارو روڪي ڪري مدرسي لاءِ وٺي وجي تہ هي ان جو ظلم ٿيندو.** وَاللّٰهُ تَعَالٰي اَعلَم

(ملخص از فتاويٰ رضويہ ج 20 ص 501)

# کلن جي لاءِ اجايو ضد نہ ڪيو

**سوال:** جيڪڏهن ڪو شخص اهلسنّت جي ڪنهن مدرسي يا ڪنهن غريب مسلمان ڪي کل ڏيڻ جو واعدو ڪري چڪو هجي ان ڪي زوري پنهنجي اداري مثلاً دعوت اسلامي جي لاءِ کل ڏيڻ تي راضي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** ائين نہ ڪيو جو ان طرح سان پاڻ ۾ عداوت ۽ نفرتن جو سلسلو وڌندو، فتنن، غيبتن، چغلين، بدگمانين، الزام تراشين ۽ دل آزارين وغيره گناهن جا دروازا کلندا. **منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مولانا شاه امام احمد رضا خان**عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاويٰ رضويہ جلد 21 صفحي 253 تي فرمائن ٿا: مسلمانن ۾ بنا شرعي سبب جي اختلاف ۽ فتنو پيدا ڪرڻ شيطان جي نِيابت آهي (يعني اهڙا ماڻهو هن معاملي ۾ شيطان جا نائب آهن) حديث شريف ۾ آهي: ”فِتنو سمهي رهيو آهي ان کي جڳائڻ واري تي **الله**عَزَّوَجَلَّ جي لعنت.“

(الجامع الصغير للسيوطي ص 370 حديث 5975)

## سني مدرسن جون کلون نہ ڪٺو

**سوال:** جيڪڏهن ڪو چوي مان هر سال فلان سني اداري کي کل ڏيندو آهيان، ان کي هي سمجهائڻ ڪيئن آهي تہ هن سال اسان جي ديني اداري مثلاً دعوت اسلامي کي کل ڏيو.

**جواب:** جيڪڏهن اهو صاحب ڪنهن اهڙي جڳهہ تي کل ڏيندو آهي جيڪو ان جو صحيح مَصرف آهي تہ ان اداري کي محروم ڪري پنهنجي تنظيم جي لاءِ کل حاصل ڪرڻ ان اداري وارن جي لاءِ صدمي جو سبب ٿيندو، ائين پاڻ ۾ چڪتاڻ پيدا ٿيندي تنهنڪري هر ان ڪم کان پاسو ڪيو وڃي جنهن سبب مسلمانن جي پاڻ ۾ رنجش پيدا ٿئي مسلمانن کي نفرت ۽ وحشت کان بچائڻ بيحد ضروري آهي، جيئن تہ حضورِ اَڪرم، نُورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رسولِ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (كنزالعمال)

مُحْتَشَم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد آهي: بَشِّرُوْا وَلَاتُنَفِّرُوْا يعني خوشخبري ٻڌايو ۽ (ماڻهن کي) نفرت نه ڏياريو. (صحيح بخاري ج 1 ص 42 حديث 69)

# سُني مدرسي کي کل پاڻ ڏئي اچو

**سوال:** جيڪڏهن ڪٿي دعوت اسلامي جي لاءِ کل لاءِ پهتا، ان هڪ اسان کي ڏني ۽ هڪ کل بچائي ڪري رکي ۽ چيو هي اهلسنت جي فلان دارالعلوم کي ڏيڻي آهي اوهان اڌ ڪلاڪ کان پوءِ معلوم ڪيو جيڪڏهن اهي نه ونڻ آيا ته هي کل به اوهان ئي ونڃي وڃو اهڙي صورت ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

**جواب:** هي ذهن ۾ رهي ته قرباني جون کلون جمع ڪرڻ دعوت اسلامي جو "مقصد" ناهي، ضرورت آهي، دعوت اسلامي جو هڪ مقصد نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ آهي جنهن جي برڪت سان نفرتون مٽائڻ ۽ مسلمانن جي دلين ۾ محبتن جا چراغ جلائڻ به آهي. تمام سني ادارا به هڪ طرح سان دعوت اسلامي جا ئي ادارا آهن ۽ دعوت اسلامي تمام سني ادارن جي پنهنجي پنهنجي ۽ پنهنجي سنتن ڀري تحريڪ آهي. ممڪن صورت ۾ سنيون سنيون نيتون ڪري اوهان پاڻ ان سني دارالعلوم کي کل پهچايو، ان شاءَاللہ عَزَّوَجَلَّ مسلمانن جي دل به خوش ڪرڻ جي سعادت حاصل ٿيندي، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت، مصطفيٰ جانِ رحمت، شمعِ بزمِ هدايت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: فرائض کانپوءِ سڀني عملن ۾ اللہ عَزَّوَجَلَّ کي وڌيڪ پيارو مسلمان جي دل خوش ڪرڻ آهي.

(المعجم الكبير للطبراني ج 11 ص 59 حديث 11079)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

# پنهنجي قرباني جي کل وڪڻي ڇڏي تہ؟

**سوال:** ڪنهن پنهنجي قرباني جي کل وڪڻي رقم حاصل ڪري ورتي هاڻي اهو مسجد ۾ ڏئي سگهي ٿو يا نہ؟

**جواب:** هتي نيّت جو اعتبار آهي جيڪڏهن پنهنجي قرباني جي کل پنهنجي ذات جي لاءِ رقم جي عيوض وڪڻي تہ اهو وڪڻڻ بہ ناجائز آهي ۽ هي رقم ان شخص جي حق ۾ مالِ خبيث آهي ان جو صدقو ڪرڻ واجب آهي، تنهنڪري ڪنهن شرعي فقير کي ڏئي ڇڏي، ۽ توبہ ڪري ۽ جيڪڏهن ڪنهن نيڪي جي ڪم ۾ مثلاً مسجد ۾ ڏيڻ جي نيت سان ئي وڪڻي تہ وڪڻڻ بہ جائز آهي ۽ هاڻي مسجد ۾ ڏيڻ ۾ ڪو حرج (بہ) ناهي.

# مدني قافلي جي اخراجات جي باري ۾ سوال جواب

**سوال:** ست اسلامي ڀائر دعوت اسلامي جي سنتن جي تربيت جي ٽن ڏينهن جي مدني قافلي جا مسافر بڻيا سيني اخراجات جي لاءِ في ماڻهو 92 روپيا جمع ڪرايا، پر هڪ اسلامي ڀاءُ 63 روپيا پيش ڪيا ۽ سيئي گڏجي هڪ جهڙو کاڌو کائيندا رهيا، انهي صورت ۾ ڪو مسئلو تہ ناهي؟

**جواب:** جيڪڏهن ملي جلي خرچ ڪرڻو هجي تہ اهو ضروري آهي تہ سيني کان هڪ جيتري رقم ورتي وڃي ائين نہ ٿئي جو ڪن کان گهٽ ورتي وڃي ۽ کاڌو، پيتو ۽ ٻيون سهولتون برابر ڏنيون وڃن تہ انهي صورت ۾ گهٽ رقم ڏيڻ وارا وڌيڪ ڏيڻ وارن جي حصي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

۾ بنا شرعي اجازت جي شامل ٿي گنهگار ٿيندا. نبي اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”هڪ مسلمان جو رت، مال ۽ عزت ٻئي مسلمان تي حرام آهي.“ (صحيح مسلم ص 1386 حديث 2564)

مُفسّرشهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنّان هن حديث جي تحت فرمائن ٿا: ڪو مسلمان ڪنهن مسلمان جو مال اُن جي اجازت کان سواءِ نہ ڪٽي، ڪنهن جي بي عزّتي نہ ڪري، ڪنهن مسلمان کي ناحق ۽ ظلمًا قتل نہ ڪري جو اهي سڀئي سخت ڏوھ آهن. (مراٰة المناجيح ج 6 ص 553)

## قافلي ۾ سڀئي هڪ جيتري رقم جمع ڪرائين

مدني قافلي ۾ هر هڪ، هڪ جيتري رقم جمع ڪرائي جيڪڏهن ائين ممڪن نہ هجي تہ جنهن وٽ گهٽ رقم هجي ڪو اسلامي ڀاءُ ان جي ڪمي کي پورو ڪري، جيڪڏهن اهو نہ ٿي سگهي تہ امير قافلہ فقط مُبْهَم (غير واضح) اعلان نہ ڪري، بلڪ سڀني کان هڪ هڪ ڪري صراحتاً (يعني صاف لفظن ۾) موڪل وٺي. ها گهٽ رقم ڏيڻ واري جي نشاندهي ڪري اُن کي شرمسار نہ ڪيو وڃي. مثال طور امير قافلہ هڪ هڪ کي چوي: مثلاً اسان في ماڻهو کان 92 رپيا ورتا آهن پر هڪ اسلامي ڀاءُ جنهن 63 رپيا ڏنا آهن، ڇا توهان جي طرفان اجازت آهي تہ هو بہ کائڻ پيئڻ ۽ ٻين معاملن ۾ برابر جو شريڪ رهي؟ جيڪي اجازت ڏيندا صرف انهن جي ئي طرفان اجازت مڃي ويندي. بالفرض ڪنهن اجازت نہ ڏني تہ ان جو حساب الڳ رکڻ ضروري آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نه پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

## رقم هڪ جيتري هجي پر خوراڪ ته سڀني جي هڪ جيتري ناهي هوندي.....؟

**سوال:** هي ته وڏو مسئلو ٿي ويو! جيڪڏهن سڀني برابر برابر رقم جمع ڪرائي آهي پوءِ به ڪنهن جي خوراڪ گهٽ هوندي آهي ۽ ڪنهن جي وڌيڪ، انهي جو حل ڇا آهي؟

**جواب:** اهو مسئلو ٻيو آهي، اهڙي صورت ۾ گهٽ ڪائڻ ۾ حرج ناهي. دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 1196 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" جلد 3 صفحي 381 تي صدرُالشَّريعه، بدرُالطَّريقه، علامه مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: "ڪافي ماڻهن چندو ڪري ڪا ڪائڻ جي شيءِ تيار ڪئي ۽ سڀئي گڏجي اُن کي ڪائيندا، چندو سڀني برابر ڏنو آهي ۽ ڪاڌو ڪو گهٽ ڪائيندو ڪو وڌيڪ ان ۾ حرج ناهي. اهڙي طرح مسافرن پنهنجو ڪاڌو ۽ ڪاڌي جون شيون سڀني گڏجي ڪاڌيون ان ۾ به حرج ناهي. جيتوڻيڪ ڪو گهٽ ڪائيندو ڪو وڌيڪ يا ڪن جون شيون سٺيون آهن ۽ ڪن جون ان جهڙيون ناهن." (فتاويٰ عالمگيري، ج 5، ص 341)

## مدني قافلو ۽ مهمانن جي خيرخواهي

**سوال:** دعوت اسلامي جي سنتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر جي دوران گهڻو ڪري بعض مقامي اسلامي ڀائرن يا ٻين اچڻ وارن اسلامي ڀائرن وغيره کي به ڪاڌي ۾ شامل ڪيو ويندو آهي ان جي ڇا صورت هجڻ گهرجي؟

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي. (حاڪم)

**جواب:** امير قافلہ پهرئين ڏينهن شروع ۾ ئي هڪ هڪ کان ان جي بہ اجازت وٺي ڇڏي. جيڪڏهن هڪ ڄڻي بہ اجازت نہ ڏني تہ اُن جو حساب الڳ رکڻ ضروري ٿي ويندو.

## قافلي جي پڄاڻي تي بچيل رقم جو ڇا ڪجي؟

**سوال:** مدني قافلي جي پڄاڻي تي جيڪڏهن مشترڪہ رقم بچي پوي تہ اها ڪٿي خرچ ڪئي وڃي؟

**جواب:** امير قافلہ روزانہ جو حساب لکي، صرف پنهنجي يادداشت تي ڀروسو ڪرڻ ۾ غلطين جو ڪافي امڪان آهي. واجب آهي تہ پائي پائي جو حساب ڪري هر هڪ کي اُن جي حصي جي رقم واپس ڪئي وڃي. ها جيڪو مرضي سان پنهنجي حصي جي رقم ڪنهن ڀلائي جي ڪم لاءِ ڏيڻ چاهي تہ ڏيئي سگهي ٿو. گڏيل مشوري سان مثلاً اهو بہ طئي ڪري سگهجي ٿو تہ اسان بچيل رقم هن مسجد جي چندي ۾ پيش ڪريون ٿا.

## ٻئي جي خرچ تي سفر ڪيو، رقم بچي پئي، ڇا ڪري؟

**سوال:** جيڪڏهن ڪنهن ٻئي اسلامي ڀاءُ جي رقم سان مدني قافلي ۾ سفر ڪيو اُن مان ڪجھ رقم بچي پئي تہ پنهنجي مرضي سان اُن کي ڪنهن خير جي ڪم ۾ خرچ ڪري سگهي ٿو؟

**جواب:** نہ ٿو ڪري سگهي. هو اُن رقم مان ٻين کي کارائي بہ نہ ٿو سگهي، نہ مدني قافلي جي لوازمات کان هٽي ڪري اُن مان ڪجھ خرچ ڪري سگهي ٿو. جيڪا رقم بچي ويئي سا ڏيڻ واري کي موٽائڻي پوندي، نہ تہ گنهگار ٿيندو. ان جي صورت اها آهي تہ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيکو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

اخراجات ڏيڻ واري کان صاف صاف لفظن ۾ هر قسم جي اجازت ورتي وڃي. مثال طور ان کي عرض ڪيو وڃي ته توهان جي رقم مان تي سگهي ٿو ته ٻين اسلامي ڀائرن کي ڪاڏو ڪرايو وڃي، ان مان نون اسلامي ڀائرن کي تحفا به ڏيئي سگهجن ٿا ٻچي وڃڻ جي صورت ۾ دعوت اسلامي جي چندي ۾ به شامل ڪري سگهجي ٿي. تنهنڪري براءِ ڪرم! هر نيڪ ڪم ۽ جائز ڪم ۾ خرچ ڪرڻ جي ڪُلي اجازت عنايت فرمايو. مدني قافلي ۾ راهه خدا ۾ پنهنجي طرفان خرچ ڪرڻ واري جي لاءِ ثواب به وڌيڪ ۽ مسئلا به گهٽ. خرچ ۾ وچٽرائي کان ڪم وٺو ۽ ٻنهي جهانن جون برڪتون ماڻيو.

## اڌ زندگي، اڌ عقل ۽ اڌ علم!

حضرت سيّدنا عبدالله بن عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا روايت ڪن ٿا ته تاجدار رسالت، شهنشاهِ نبوت، پيڪر جود و سخاوت، سراپا رحمت، محبوب ربّ العزت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: (1) خرچ ڪرڻ ۾ وچٽرائي اڌ زندگي آهي ۽ (2) ماڻهن سان محبت ڪرڻ اڌ عقل آهي ۽ (3) سٺو سوال اڌ علم آهي. (شعب الايمان ج 5 ص 254 حديث 6568)

هن حديث پاڪ جي ٽنهي حصن جي الڳ الڳ شرح ڪندي مُفسّرشهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنّان فرمائن ٿا: سُبحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ عجيب فرمان عالي آهي! (1) خوشحالي جو دارومدار ٻن شين تي آهي: ڪمائڻ، خرچ ڪرڻ، پر انهن ٻنهي مان خرچ ڪرڻ تمام وڏو ڪمال آهي، ڪمائڻ سيئي ڄاڻن ٿا، خرچ ڪرڻ ڪو ڪو ڄاڻندو آهي. جنهن کي خرچ ڪرڻ جو ڏانءُ اچي ويو سو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ هميشه خوش رهندو. (2) عقل جا سيئي ڪم هڪ پاسي آهن ۽ ماڻهن سان محبت ڪري انهن کي پنهنجو بنائڻ هڪ پاسي، ماڻهن جي محبت سان ديني دنياوي هزارين ڪم ٿيندا آهن، ماڻهن جي دلين ۾ پنهنجي محبت پيدا ڪريو پوءِ (نيڪي جي دعوت ڏيئي) نمازي، حاجي، غازي، (جيڪو وٽي) بنائي ڇڏيو. پر خيال رهي ته ماڻهن جي محبت حاصل ڪرڻ جي لاءِ الله ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ناراض نه ڪريو بلڪ ماڻهن سان محبت الله ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا جي لاءِ هجڻ گهرجي. (3) علم ۽ تعليم ۾ ٻه شيون هونديون، شاگرد جو سوال استاد جو جواب، ٻنهي جي سوالن جوابن سان علم جي تڪميل ٿيندي آهي. جيڪڏهن شاگرد سوال سٺا ڪندو ته جواب به سٺا ملندس. (مراٰة المناجيح، ج 6، ص 634)

## غريبن جي لاءِ رقم ملي، مالدارن تي خرچ ڪري ڇڏيائين ته هاڻي ڇا ڪري؟

**سوال:** جيڪڏهن ڪنهن اهو چئي دعوت اسلامي جي ڪنهن علاقائي قافله ذميدار کي ڪجهه رقم ڏني ته غريب اسلامي ڀائرن کي قافلي ۾ سفر ڪراءِ. هاڻي ذميدار غني (مالدار) نون اسلامي ڀائرن کي انهي جذبي سان اُن رقم مان سنتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ سفر ڪرايو ته جيئن اُهي مدني ماحول جي ويجهو ٿين. اهڙي صورت ۾ شرعي حڪم ڇا آهي؟

**جواب:** ائين ڪرڻ وارو ”ذميدار“ حقيقت ۾ ”غير ذميدار“ آهي ۽ اهڙي غلطي جي ڪري گنهگار آهي، تاوان به ڏيڻو پوندو ۽ توبه به

واجب آهي. ها جيڪڏهن اُهو رقم ڏيڻ وارو چاهي ته معاف ڪري سگهي ٿو جيڪڏهن اُهو معاف نه ڪري ته جيتري رقم غلط استعمال ڪئي اوتري اُن ڏيڻ واري ذميدار کي هڙان (يعني پنهنجي کيسي مان) ڏيڻي پوندي يا هڙان ڏيڻ واري رقم نئين سر خرچ ڪرڻ جي اجازت وٺڻي پوندي. جڏهن به ڪو اهڙي موقعي تي غريبن جو قيد لڳائي چندو پيش ڪري ته چندو قبول ڪرڻ کان پهرين اُن کي واضح طور تي هنن لفظن ۾ چوڻ فائديمند آهي ته "توهان "غريبن" جو قيد هٽائي هر نيڪ ۽ جائز ڪم ۾ خرچ ڪرڻ جا ڪلي اختيار ڏيو ته هن رقم مان غريب سفر ڪري يا مالدار، انهن مان ڪنهن کي پورا اخراجات ڏينداسين ته ڪنهن جي ضرورت مطابق ڪمي پوري ڪنداسين ۽ ان مان مسجد ۾ آيل مهمانن جي خيرخواهي به ڪئي ويندي وغيره." (هتي به اها ڳالهه ذهن ۾ رکو ته چندو پيش ڪرڻ وارو جيڪڏهن پاڻ اُن رقم جو مالڪ آهي ته اُن جو مٿيان لفظ بڌي ها چوڻ ڪارآمد ٿيندو ۽ جيڪڏهن مالڪ ناهي مثال طور: رقم موڪلڻ واري جو پٽ، ڀاءُ يا ملازم وغيره آهي ته اُن چندي آڻڻ واري "وڪيل" جو ها چوڻ فضول آهي، ان ڪري اصل مالڪ کان ڪلي اختيار وٺڻا پوندا. ها جيڪڏهن پهرين کان ئي مالڪ اهي سڀ اجازتون ڏيئي وڪيل کي موڪليو آهي ته هاڻي وڪيل جي اجازت ڏيڻ کي تسليم ڪيو ويندو)

## مدني قافلي جي لاءِ مليل رقم ٻين ديني ڪمن ۾--------؟

**سوال:** مدني قافلا سفر ڪرائڻ جي مد ۾ مليل چندو دعوت اسلامي جي ٻين مدني ڪمن ۾ خرچ ڪري سگهجي ٿو يا نه؟

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

**جواب:** نه ته ڪري سگهجي، اُن کي الڳ رکڻو پوندو. جيڪڏهن بين مدني ڪمن ۾ خرچ ڪري ڇڏيو ته تاوان ۽ توبه جي ترڪيب بڻائڻي پوندي. سهولت انهي ۾ آهي ته ڪنهن هڪ مد ۾ چندو وٺڻ جي بجاءِ ڏيڻ واري جي خدمت ۾ هميشه اهو محتاط جملو بيان ڪرڻ جي عادت بنائي وجي: براءِ ڪرم! توهان اسان کي هر طرح جي نيڪ ۽ جائز ڪم ۾ خرچ ڪرڻ جي اجازت عنايت فرمايو.

## مالدارن کي چنديءَ جي رقم مان اجتماع ۾ وٺي وڃڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڪنهن اسلامي ڀاءُ غريب اسلامي ڀائرن کي سالانه بين الاقوامي سنتن ڀريي اجتماع (صحراءِ مدينه، مدينة الاولياء ملتان شريف) ۾ وٺي وڃڻ جي لاءِ رقم پيش ڪئي پر ”وڪيل“ اُن رقم مان پنهنجي حيثيت وارن دوستن کي وٺي ويو. هاڻي پشيمان آهي، ڇا ڪري؟

**جواب:** چندو جنهن مد ۾ ڏنو وڃي انهي ۾ استعمال ڪرڻ واجب آهي. ”وڪيل“ خيانت ڪئي، انهيءَ جو تاوان (يعني جرمانو) ادا ڪري يعني جيتري رقم مالدارن تي خرچ ڪئي اوتري پنهنجي هڙان چندو ڏيڻ واري کي پيش ڪري ۽ توبه به ڪري. اهو اصول هميشه ياد رکو ته چنديءَ ڏيڻ وارو شريعت جي دائري ۾ رهي جيئن چوي ائين ئي ڪرڻو پوندو آهي. هاڻي جڏهن اُن غريبن جو شرط لڳايو ته غريبن کي ئي ڏيڻو پوندو جيڪڏهن اُهو صراحةً (يعني ڪليل لفظن ۾) چوي: ”منهنجي رقم مان صرف ڪرايو ادا ڪجو، ته اُن جي رقم مان صرف ڪرايو ئي ادا ڪيو ويندو، ڪائي ٻي نٿا سگهو.

جيڪڏهن اُن چيو: "فلاڻي فلاڻي کي انهي رقم مان سالانہ اجتماع ۾ وني وڃو" تہ هاڻي صرف انهن کي ئي وني وڃڻو پوندو ڪنهن ٻئي کي نٿا وني وڃي سگهو، جيڪڏهن اُهي نہ ويا يا ڪنهن طرح رقم بچي پئي تہ اُها رقم واپس موٽائڻي پوندي، خاص علائقي وارن کي وني وڃڻ جي صراحت ڪئي تہ ٻئي علائقي وارن کي نٿا وني وڃي سگهو. الغرض چندي ۾ نہ پنهنجي طرفان ڪنهن ريت تصرُّف ڪري، نہ وري شرعي اجازت کان سواءِ اُن جو هڪ گرهہ پاڻ کائي نہ ڪنهن ٻئي کي کارائي نہ تہ آخرت ۾ پڪڙ ٿيندي.

## وقف جي مال جي غلط استعمال جو عذاب

**سوال:** جيڪو وقف جي مال کي غلط استعمال ڪري ان جي لاءِ ڪا وعيد ٻڌايو؟

**جواب:** ٻہ فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظہ ڪريو: (1) راحت قلب ناشاد، محبوب رب العباد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد عبرت بنياد آهي: ڪي ماڻهو الله جي مال ۾ ناحق تصرف ڪندا آهن، قيامت جي ڏينهن انهن جي لاءِ جهنّم آهي. (صحيح البخاري ج 2 ص 348 حديث 3118) (2) رسول اڪرم، رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ڪيترائي ماڻهو آهن جيڪي الله ۽ ان جي رسول جي مال مان انهن جي دل جنهن شيءِ کي چاهيندي آهي پنهنجي ڪتب آڻيندا آهن قيامت جي ڏينهن انهن جي لاءِ دوزخ جي باهہ آهي. (سنن ترمذي ج 4 ص 165 حديث 2381)

## مدني قافلي يا سالانہ اجتماع جي لاءِ سوال ڪرڻ ڪيئن

**سوال:** مدني قافلن ۾ سفر يا سنتن ڀرين اجتماع ۾ شرڪت جي لاءِ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعليٰ)

ڪرايي وغيره جو سوال ڪرڻ ڪيئن؟

**جواب:** مدني قافلي ۾ سفر يا ساليانى اجتماع ۾ شرڪت جي لاءِ پنهنجي لاءِ ڪرايي وغيره اخراجات جو سوال ڪرڻ مسڪين لاءِ به حلال ناهي ڇوته اهو ڪم ضروريات ۾ شامل ناهي، ايستائين حج، عمري ۽ سفر مدينه جي لاءِ به سوال ڪرڻ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. منهنجي آقا اعليٰ حضرت، **امام اهلسنّت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاه امام احمد رضا خان** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن جي فرمان جو خلاصو آهي: جنهن کي سوال ڪرڻ حلال ناهي اهڙن جي سوال تي انهن جو حال ڄاڻي ڪجهه ڏيڻ ثواب جو ڪم ناهي بلڪ ناجائز و گناهه ۽ گناهه تي مدد ڪرڻ آهي. (فتاويٰ رضويه ج 10 ص 303 ملخصًا) سرڪار مدينه، سلطان باقرينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان باقرينه آهي: جيڪو شخص ماڻهن کان سوال ڪري جڏهن ته نه ان کي غربت هئي، نه ايترا ٻار ٻچا آهن جنهن جي طاقت نٿو رکي ته قيامت جي ڏينهن ان طرح ايندو جو ان جي چهري تي گوشت نه هوندو.

(شعب الايمان للبيهقي ج 3 ص 274 حديث 3526)

**صَدۡرُالۡاَفَاضِل** حضرت علامه مولانا **سيّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الهادي **نقل ڪن ٿا:** ”ڪي يمني حج جي لاءِ بنا سامان جي روانا ٿيندا هئا ۽ پنهنجو پاڻ کي **مُتَوَکِّل** (يعني الله عَزَّوَجَلَّ تي ڀروسو رکڻ وارا) چوندا هئا ۽ مکي شريف پهچي ڪري سوال شروع ڪندا هئا ۽ ڪڏهن **قُرلُٽ** ۽ خيانت جا به **مُرتَڪب** ٿيندا هئا. انهن جي باري ۾ هي آيت سڳوري نازل ٿي ۽ حڪم ٿيو ته توشو (يعني سفر جو خرچ، پڪو) کڻي ڪري هلو ٻين تي بار نه وجهو، سوال نه ڪريو جو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

بهتر زادِ راهه پرهيزگاري آهي. آيت شريف آهي:

وَتَزَوَّدُوْا فَاِنَّ خَيْرَ الزَّادِ التَّقْوٰى (پ، 2، البقره آيت 197)

**ترجمو ڪنز الايمان:** ۽ سامان ساڻ ڪري هلو جو سڀ ڪان بهتر سامان پرهيزگاري آهي.

(خزائن العرفان ص 67)

# اجتماع جي خصوصي ٽرين جي لاءِ 6 مدني گل

**سوال:** بين الاقوامي سالانہ سنتن ڀري اجتماع ۾ شهر ڪان صحراءِ مدينہ مدينة الاولياء ملتان شريف وڃڻ لاءِ مختلف شهرن مان هلايون ويندڙ خصوصي ٽرينن جي باري ۾ شرعي احڪام جي روشني ۾ ذميدار اسلامي ڀائرن جي لاءِ ڪي مدني گل بيان فرمايو.

**جواب:** ﴿1﴾ جيترِيون سيٽون مخصوص ڪري ان جا پيسا ادا ڪيا آهن ان مان هڪ بہ وڌيڪ اسلامي ڀاءُ بہ مفت نہ ويهاريو، نہ تہ گهنگار ٿيندؤ ﴿2﴾ انتظاميہ سان اڳڻ وڃڻ جو جيڪو وقت طئي ٿيو آهي ان مان اوهان جي طرفان هرگز ڪوتاهي نہ ٿيڻ گهرجي، تاخير سان نظام متاثر ٿيندو آهي ۽ مذهبي ماڻهن جي بدنامي بہ ٿيندي آهي. جيڪڏهن ڪنهن جو انتظار ڪرڻ بغير مقرر وقت تي ٽرين هلڻ لڳي ۽ ڪي سست ماڻهو سوار ٿيڻ کان رهجي ويا تہ اِنْ شَاءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ آئنده لاءِ عوام ۽ انتظاميہ ٻنهي ۾ ذميدار اسلامي ڀائرن جو اعتماد بحال ٿي ويندو ۽ سمورو معاملو بهتر ٿي ويندو. جي ها! عوام جو اعتماد بحال ڪرڻ بہ ضروري آهي تہ اعلان ڪيل وقت تي ٽرين هلائڻ ۾ تنظيمي ذميدارن جي طرفان ڪوتاهي ٿيندي تہ جيڪي اعلان تي ڀروسو ڪري وقت جي مطابق آيا هوندا اهي بدظن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

ٿيندا ۽ اهو به امڪان آهي ته اهي غيبت ۽ بدگمانين جي گناهن ۾ پوندا، آئنده اچڻ کان ڪيٻائيندا يا پاڻ به تاخير سان اچڻ جا عادي ٿيندا ۽ نتيجي ۾ سنتن ڀري تحريڪ دعوت اسلامي جي بدنامي جا سبب ٿيندا. هميشه هر معاملي ۾ وقت اهو ئي ڏيڻ کپي جنهن کي نڀائڻ ممڪن هجي ۽ ان جي پابندي جي لاءِ سخت ڪوشش ڪرڻ گهرجي ﴿3﴾ سفر دوران پليٽ فارم تي نمازون پڙهڻ ۾ ايترو وقت نه لڳايو جو ٽرين جو عملو بدظن ٿئي ۽ گناهن ڀري توهين آميز ۽ دل آزار بحث شروع ٿئي ﴿4﴾ ٽرين جي ڇت يا فٽ بورڊ تي هرگز ڪو سفر نه ڪري جو قانون ٽوڙڻ سان گڏوگڏ جان جو به خطرو آهي ﴿5﴾ وڏي سفر ۽ اسلامي ڀائرن جي گهڻائي سبب بيشڪ ڏکيا معاملا هوندا پر هر حال ۾ ٽرين جي عملي سان نرمي نرمي ۽ صرف نرمي وارو برتاءُ ڪيو نه ته بداخلاقين، دل آزارين، بدنامين ۽ بدانتظامين جو سلسلو جاري رهندو ﴿6﴾ فرض ڪريو ٽرين جي عملي زيادتي به ڪئي تڏهن به سر جو جواب پٿر سان نه ڏيو جو نجاست کي نجاست سان نه پاڻي سان پاڪ ڪيو ويندو آهي. صبر ۽ تحمل ڪريو ۽ حڪمت عملي سان مسئلن جو حل ڪيو، ڪاوڙجي گاريون ڏئي، پٿر هڻڻ، ڀڃ ڊاهه، حڪومتي اثاثا ساڙڻ، گاڏين کي ساڙڻ وغيره وغيره سراسر جهالت ۽ انتهائي درجي جي حماقت ۽ شريعت ۽ سنت جي خلاف، حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارا ڪم آهن. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الرَّحْمٰن فقه جو اصول بيان ڪندي فرمائن ٿا: اَلْمُنْکَرُ لَا یُزَالُ بِمُنْکَر

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

يعني گناه جو ازالو گناه سان ناهي ٿيندو. (فتاويٰ رضويه ج 23 ص 639)

## ڇا دنيوي قانون تي عمل ڪرڻ ضروري آهي

**سوال:** ڇا دنيوي قانون تي عمل ڪرڻ ضروري آهي؟

**جواب:** اهو دنيوي قانون جيڪو شريعت جي خلاف نه هجي ان تي عمل ڪرڻ ضروري آهي ڇوته عمل نه ڪرڻ جي صورت ۾ ذلت ۾ پوڻ ڪوڙ ڳالهائڻ يا رشوت وغيره گناهن ۾ پوڻ جو انديشو آهي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مُجَدِّد دين ۽ ملت مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاويٰ رضويه ج 29 صفحي 93 تي فرمائن ٿا: ڪنهن قانوني جرم جو ارتڪاب ڪري پاڻ کي ذلت تي پيش ڪرڻ منع آهي، حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو شخص بنا ڪنهن مجبوري جي پاڻ کي خوشي سان ذلت تي پيش ڪري اهو اسان مان نه آهي. (المعجم الاوسط للطبراني ج 1 ص 147 حديث 471)

## پيشگي ڏنل رقم جو مسئلو

**سوال:** بس، ڪوچ يا ويگن بُڪ ڪندي وقت اهو طئي ڪرڻ ڪيئن ته جيڪڏهن اسان بُڪنگ ڪينسل ڪرائي ته اسان جي پيشگي جمع ڪرايل رقم توهان رکي ڇڏجو ۽ جيڪڏهن توهان (يعني گاڏي واري) بُڪنگ منسوخ ڪئي ته ٻيڻي رقم موٽائڻي پوندي يعني جيڪا يعني جيتري رقم اسان ڏني اها به ۽ اوتري وڌيڪ به.

**جواب:** گاڏي واري جي طرفان منسوخي جي صورت جمع ڪيل ضمانت سان ڏنل رقم وڌيڪ ڏنا وٺي سگهو ڇوته اهو تعزير بالمال يعني مالي جرمانو آهي ۽ مالي جرمانو ناجائز آهي، فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس . (ڪنزالعمال)

اللهُ السَّلام فرمائن ٿا: مذهب صحيح جي مطابق مالي جرمانو نٿو وٺي سگهجي. (البحر الرائق ج 5 ص 68) گاڏي وارن کي بہ گهرجي تہ بطور ضمانت رکيل رقم موٽائي ڏين جيڪڏهن رکندا تہ گهنگار ٿيندا.

## اوٺ موٽ ڪرائي جي گاڏي جا احتياط

**سوال:** سنتن ڀري اجتماع وغيره جي لاءِ بس ويگن ٻنهي طرفن جو ڪرايو وٺڻ جي صورت ۾ واپسي ۾ دير ٿيڻ جي صورت ۾ گاڏي وارو ناراض نہ ٿئي ان جي لاءِ ڪهڙا احتياط ڪرڻ گهرجن؟

**جواب:** اچڻ وڃڻ جو وقت گهڙي جي مطابق طئي ڪيو، ۽ اهو وقت طئي ڪريو جنهن کي اوهان نڀائي سگهو، طئي ٿيل وقت ۾ تاخير نہ ڪريو، اها شڪايت فضول آهي تہ اسلامي ڀائر وقت تي نٿا پهچن! اسلامي ڀائرن جون عادتون ڪنهن خراب ڪيون؟ ڇا اهو معمول جي بسن ۽ ٽرينن ۾ دير سان پهچن ٿا؟ هرگز نہ اتي شايد اهي پهريان ئي پهچي ويندا هوندا! تہ آخر سنتن ڀري اجتماع جي بسن ۾ دير سان ڇو ٿا اچن، ڳالهہ دراصل اها آهي تہ ڪي نادان ذميدار پاڻ بہ ڪوتاهي ڪندا، ڪڏهن ڪنهن جو ڪڏهن جو انتظار ڪندي ڪڏهن پنهنجو بہ انتظار ڪرائيندا آهن، اهڙي طرح ”تاخير“ جو مرض لاڳو ٿي ويندو آهي، ٿيڻ تہ ائين گهرجي جيڪو آيو نيڪ نہ آيو تہ ذميدار بنا ڪنهن انتظار جي بسون هلائن، ائين ڪندا تہ ماتحتن جو پاڻ ئي ذهن ٺهجي ويندو، ها پنج ستن منٽن جي تاخير جيڪا گاڏي واري ۽ وقت تي اچڻ وارن اسلامي ڀائرن تي سخت نہ هجي تہ حرج ناهي، خاص ڪري وڏن اجتماعن ۾ اها صورت پيش

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا دُرودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهہ معاف ٿيندا. (كنزالعمال)

ايندي آهي تہ اجتماع ختم ٿيڻ ۾ دير سوير ٿي ويندي آهي، پوءِ واپسي ۾ رش جي ڪري ڪڏهن ڪڏهن دير ٿي ويندي آهي ان ڪري پهريان اندازو لڳائي هڪ اڌ ڪلاڪ وڌيڪ وقت مقرر ڪرڻ مناسب آهي، مثال طور عام طور 10 بجي اجتماع کان فارغ ٿي ويندا آهن تڏهن بہ 11 بجي تائين جو وقت مقرر ڪيو وڃي ۽ گاڏي واري کان درخواست ڪئي وڃي تہ ٿي سگهي ٿو اسان جلدي اچي وڃون جيڪڏهن مناسب سمجهو تہ بس هلائجو ۽ جيڪڏهن نہ هلائيندا تہ ڪا ڳالهہ نہ اسان 11 بجي تائين اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان انتظار ڪنداسين، اهڙي طرح جي ترڪيب ڪرڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪافي آساني ٿيندي.

## طئي ٿيل کان وڌيڪ سواري ويهارڻ

**سوال:** پوري بس بڪ ڪرائي ۽ طئي ٿيو تہ 40 سواريون ويهاربيون پر روانگي جي وقت 41 اسلامي ڀائر ٿي ويا تہ ڇا ڪجي؟

**جواب:** صدرُالشَّريعہ، بدرُالطَّريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي امجد علي اعظمي عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: ان باري ۾ قاعده ڪليہ (يعني اصول) اهو آهي جو عقد (يعني سودو طئي ڪرڻ) جي ذريعي جڏهن ڪنهن خاص منفعت جو استحقاق (يعني مخصوص فائدو حاصل ڪرڻ جو حق حاصل) هجي تہ اهو فائدو يا ان جهڙو يا ان کان گهٽ درجي جو فائدو حاصل ڪرڻ جائز آهي ۽ وڌيڪ جائز نہ آهي. (بهار شريعت ج 3 ص 130) انهي فقهي جُزئي جي روشني ۾ خبر پئي تہ طئي ٿيل سوارين يا ان کان گهٽ سواريون ويهارڻ جائز ۽ هڪ بہ وڌيڪ

ويهارڻ ناجائز، ها جتي عرف هجي تہ طئي ٿيل ڪان وڌيڪ ٻہ چار ويهارڻ تي اعتراض ناهي ٿيندو اتي 40 جي بدران 41 ويهارڻ ۾ حرج ناهي، اهڙن موقعن تي آساني ان ۾ آهي تہ سوارين جو تعداد ٻڌائڻ بغير پوري گاڏي بڪ ڪرائي وڃي جيئن اسان جي ملڪ ۾ ڄڃ وغيره جي لاءِ پوري گاڏي بڪنگ ڪرائي ويندي آهي ۽ ان ۾ سوارين جي تحديد (يعني حدبندي) نہ هوندي آهي.

## ٽرين ۾ بہ طئي ٿيل سواريون ويهاريو

**سوال:** جيڪڏهن ٽرين جي پوري بوگي بڪ ڪرائي تہ هاڻي ڇا اسان پنهنجي مرضي سان جيتريون سواريون چاهي ويهاري سگهون ٿا؟

**جواب:** هڪ بوگي بڪ ڪرائي يا پوري ٽرين، جيترين سوارين جو قانون آهي ۽ جيترين سوارين جو ڪرايو ادا ڪيو آهي صرف اوتريون سواريون ويهاري سگهو ٿا، طئي ٿيل ڪان هڪ سواري بہ مفت ويهاريندؤ تہ گهنگار ۽ دوزخ جا حقدار ٿيندؤ.

## ڇا سماجي اداري پنهنجا عطيات ديني ڪمن ۾ لڳائي سگهن ٿا

**سوال:** سماجي ادارا فلاحي ڪمن جي لاءِ مليل عطيات ديني ڪمن ۾ استعمال ڪري سگهن ٿا يا نہ؟

**جواب:** سماجي ادارن کي ماڻهو فلاحي ڪمن جي لاءِ چندو ڏيندا آهن ان ڪري ڏيڻ وارن جي اجازت بناءِ سماجي اداري وارا عطيات يعني نفلي صدقا ديني ڪمن ۾ خرچ نٿا ڪري سگهن، مثال طور انهن کي غريبن محتاجن ۽ يتيمن ۾ گوشت ورهائڻ جي لاءِ جيڪي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

صدقي جا ٻڪر وغيره ڏنا ويندا آهن اهي ديني مدرسن ۾ نتا ڏئي سگهن جيڪڏهن ڏنا تہ تاوان لازم ايندو.

ياربّ مصطفيٰ عَزَّوَجَلَّ! اسان کي فرض علم سکڻ جو جذبو عطا فرمائي، ياالله عَزَّوَجَلَّ! دين جي خدمت جي لاءِ بوقت ضرورت سنت جي نيت سان عين شريعت مطابق اسان کي خوب خوب چندو ڪرڻ ۽ ان کي سو فيصد درست مصرف ۾ صرف ڪرڻ جي سعادت عنايت فرما، ياالله عَزَّوَجَلَّ! اسان کي بي حساب بخشي، جنت الفردوس ۾ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# ماخذ و مراجع


| ڪتاب جو نالو | مطبوعہ | ڪتاب جو نالو | مطبوعہ |
|---|---|---|---|
| ڪنز الايمان مع خزائن العرفان | مكتبة المدينه باب المدينه ڪراچي | تاريخ بغداد | دار الكتب العلمية بيروت |
| نور العرفان | پير ڀائي ڪمپني لاهور | شرح الصدور | مرڪز اهلسنت برڪات رضا هند |
| صحيح بخاري | دار الكتب العلمية بيروت | مرقاة المفاتيح | دار المعرفة بيروت |
| صحيح مسلم | دار ابن حزم بيروت | اشعة اللمعات | ڪوئٽه |
| سنن ترمذي | دارالفكر بيروت | مراة المناجيح | ضياءُ القران پبليڪشنز لاهور |
| سنن ابي داوٗد | دار احياء التراث العربي بيروت | اتحاف سادة المتقين | دار الكتب العلمية بيروت |
| سنن ابن ماجه | دار المعرفة بيروت | درمختار وردالمحتار | دار المعرفة بيروت |
| شعب الايمان | دار الكتب العلمية بيروت | بحر الرائق | ڪوئٽه |
| المعجم الاوسط للطبراني | دار الكتب العلمية بيروت | عالمگيري | دارالفكر بيروت |
| المعجم الكبير للطبراني | دار احياء التراث العربي بيروت | غمزالعيون البصائر | باب المدينه ڪراچي |
| الجامع الصغير للسيوطي | دار الكتب العلمية بيروت | فتاويٰ رضويه | رضا فائونڊيشن لاهور |
| حلية الاولياء | دار الكتب العلمية بيروت | فتاويٰ امجديه | مڪتبه رضويه باب المدينه ڪراچي |
| ابن عساكر | دار الكتب العلمية بيروت | بهارشريعت | مكتبة المدينه باب المدينه ڪراچي |


صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

